

اٹون ساٹھو
سراج

# اٺون ماڻهو

(ڪهاڻيون)

## سراج

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1991ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر چوهتر

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ٽائيٽل فتاح هاليپوٽو

پهريون ايڊيشن نومبر ١٩٨٥ع

ٻيو ايڊيشن نومبر ١٩٩١ع

قيمت 25/- رپيا

(سڀ حق واسطا قائم)

---

**ATHOON MANHOON (Short Stories) by SIRAJ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition November 1985. Second Edition November 1991. Price Per Gopy Rs. 25/-**

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## انتساب

امر جليل جي نالي

**سراج**

هند ۽ سنڌ جي مشهور ۽ معروف مهان ليکڪ سراج جي ڪهاڻين جو مجموعو "اڻون ساڻهو" جو ٻيو ايڊيشن اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ٿوري عرصي ۾ ختم ٿي ويو هو، ۽ ٻي ڇاپي لاءِ پڙهندڙن وٽان خط ايندا رهندا هئا. حالتون ٺيڪ نه هجڻ ڪري ٻيو ڇاپو دير سان شايع ٿي رهيو آهي.

سراج جا ٻيا ڪتاب "پڙاڏو سوئي سڏ"، "مرڻ مون سين آءُ"، "منهنجي دنيا هيڪل وياڪل"، "تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول" ۽ "منهنجي دنيا مرگهه ترشنا" به نيوفيلڊس طرفان شايع ٿيل آهن.

— ادارو

# فهرست


| ڪهاڻيون | صفحو |
| --- | --- |
| ١. رت ورني رات | ٩ |
| ٢. نچڻي | ١٩ |
| ٣. هڪ مڙدو، ٻي لاش | ٤٣ |
| ٤. وڻ جو موت | ٥١ |
| ٥. ڪارونجهر جا مور | ٦٩ |
| ٦. مان جوئي آهيان، سوئي آهيان | ٩٩ |
| ٧. اٺون ماڻهو | ١١٧ |

پهرين ايڊيشن جا

# ٻه اکر

ڪهاڻيون مون اڳي ٻه لکيون، جن مان ڪي ڇپيون، ڪجهه مون نه ڇپايون. ڪهاڻيون اڄ به لکان پيو. انهن مان ڪي ڇپجن ٿيون، ڪي ڪونه ٿو ڇپايان. ان لاءِ ڪي ٻي سبب آهن، گهڻو ڪري اهي سبب سڀ جذباتي آهن. انهن جي هن وقت اپٽار ڪرڻ نٿو گهران. وقت آيو ته انهيءَ جي وضاحت به ڪندس.

منهنجو پهريون مجموعو "اي درد هلي آءُ" اڄ کان ٢٤ سال اڳ شايع ٿيو. ڪن دوستن زور ڀريو ته هڪڙو ٻيو مجموعو به ڇپجي. پهرين سوچيم ته رڳو اڻ-ڇپيل ڪهاڻيون ڇپائجن. دوستن وري اسرار ڪيو ته ان ۾ ڪجهه اڳ ڇپيل ڪهاڻيون به هئڻ گهرجن، جيئن ڪتاب ۾ محفوظ ٿي وڃن. نيٺ وچٿرو فيصلو ڪيم ته في الحال ست ڪهاڻيون شامل ڪريان. انهن مان هڪڙي "هڪ مڙدو، ٻي لاش" ١٩٦٤ع ۾ ڇپي هئي، پر مهراڻ جي صاحبن ۽ پروف ريڊرن ان کي "هڪ" مرد ٻي "لاش" بڻائي ڇڏيو.

سخت ڪاوڙ آئي هيم. هن ڪهاڻيءَ کي ان جي صحيح عنوان هيٺ شامل ڪيو اٿم. ان کانسواءِ هڪڙي ٻي ڪهاڻي ”رت - ورني رات“ ١٩٦٧ع ۾ ’نئين زندگي‘ ۾ ڇپي. ان ۾ شمشير آخري پئرا ڪٽي ڇڏي هئي. ساڻس وڙهي پيو هوس. پر سرڪاري پرچي هئڻ ڪري سندس مجبوريون محسوس ڪري ماٺ ڪيم. ان ڪهاڻيءَ کي پنهنجي اصل حالت ۾، اُن ڪٽيل پئرا سميت، شامل ڪيو اٿم. باقي پنج ڪهاڻيون نيون آهن جيڪي ١٩٨٣ع کان ١٩٨٥ع واري عرصي ۾ لکيل ڪهاڻين مان چونڊيون اٿم. انهن مان ٻه ڪهاڻيون — ”اڻون ماڻهو“ ۽ ”وڻ جو موت“ پرسات ۾ ڇپيون هيون. ٽي ڪهاڻيون — ”نچڻي“ ”ڪارونجهر جا مور“ ۽ ”مان جوئي آهيان، سوئي آهيان“ اڳ ڇپيل ڪونهن.

ڪهاڻين جي باري ۾ پاڻ ڪجهه نه چوندس. اڳ به ڪجهه نه چوندو هوس. جڏهن ڪهاڻين تي بحث ٿيا، تنقيدون ٿيون، تڏهن به ڪجهه ڪونه چيم. سو هاڻ به پاڻ ڪجهه نه چوندس. پر ته اسان جا پڙهندڙ ۽ نقاد انهن تي ڪجهه چون ۽ لکن. آءٌ انهن مان آهيان، جيڪي ڪجهه لکي به اهو سوچيندا آهن، ته پنهنجي ٻوليءَ ۽ سنڌ جو قرض اڃا گهڻو باقي آهي. ان ڪري لکڻ اسان لاءِ ذهني قرض جي ادائگي آهي. جيسين جيئرو آهيان، تيسين اهـا ادائگي ڪندو رهندس.

— سراج

٩-٧-ڊسمبر ١٩٨٥ع
ڪراچي

# رت - ورني رات

اگهاڙي رات، اگهاڙو رڻ.... ۽ هيڪل وياڪل دل! واريءَ جو پنڌ هونئن ته پهاڙن اٿانگو، پر هن جا پير اوندهڙي ۾ به پنهنجي واٽ پيدا ڪندا، ڏهون اڪرندا، ڀِٽون ڀوريندا، پنهنجي ماڳ کي ويجهو پوندا ٿي وياءِ. رڻ جي رات پرينءَ جي نيڻن جيان ڳرندي ٿي ويئي. پيري جي پڪ ڪرڻ لاءِ، هن اُڀ ڏانهن نهاريو — ۽ ان ڪليل ناڳي آسمان کي ڏسي، هن کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ته رات پنهنجو نيرو نيرو اگهاڙو جسم تارن جي چنيءَ ۾ لڪائيندي شرمائڻ لڳي هئي.... ۽ ان سمي، هن کي پنهنجي "سومل" ياد اچي ويئي. هڪ آجري تاري، ٽورو لمڪي، مرڪي، هن کي اک هنئين — ۽ هن کي پڪ ٿي ته رات ۽ رڻ هن سان ويساهه گهاتي نه ڪندا. ڪندا به ڪيئن؟ هو ته هن رڻ جو يار هو.... اگهاڙو رڻ، جنهن جي اگهاڙين ڏڀن ۽ ڀِٽن جي ڀاچولن ۾ هن اوسيڙن جون ڪيتريون راتيون، تارا ڳڻيندي، سڀن جا پيرا کڻندي، سومل جو تصور ڪندي گذاري ڇڏيون هيون. جڏهن سومل جي پيار ۾ هو ڪوهن جا ڪوهه ڪهي ايندو هو، تڏهن هي رڻ پٽ ئي هن لاءِ وڏي ۾ وڏو، بنهه پنهنجو، اجهو ۽ آسرو هو. جڏهن ممون پوپي، ڪارسري ليسوڙيءَ جي وڻ هيٺان، هن جي ٻوتي ۾ ڪنڊا ٽنبيا هئا، تڏهن به هن رڻ هن سان ياري نڀائي هئي.

۽ هڪ ئي واچوڙي جي ٿوهي ۾، بوتي مان ڳنڌ ليسوڙي جو وڻ به واريءَ جي اڀ ۾ ڏڪجي ويو هو — ۽ ان ڏينهن هن سومل جي اڇيءَ ٻانهن جي اڇيءَ ٻانهينءَ کي منيون ڏيندي چيو هو:

"سومل، سوڳنڌ ڏي ته موجو (منهنجو) پيار آلڪي نه ويندو!"

"توجو (تنهنجو) سوڳنڌ!"

ان سوڳنڌ ۾ ڪيتري نه سندرتا هئي، ڪيتري نه چنچل نهٺائي هئي! سومل هن لاءِ رڻ جي راڻي هئي — سومل لاءِ هو هڪڙي سمون پوپٽ جو ڇپا، سڄي ٿر جو ويري تي پوندو. سومل جو پور ايندي، ڇڻ ته هن جي پيرن ۾ پونريون ٻڌجي وڃون، ۽ هن جي سموري جسم جو ٽڪ لهي ويو. هن جو پيار ته سومل جي انگ، ڇڳ ڇڳ ۾ سمايل هو. سومل چوندي هئي ته الائجي ڇو، جڏهن هن جي ڪنن جي پنڙن کي ڪا ڇڪ ايندي هئي، تڏهن به پيڙا ڪان هو ڪيس ياد اچي ويندو هو. عاج جي ٻانهينءَ جي ڇڪٽيءَ ني به الائي ڇو هو ڪيس دل تي هرڻ لڳندو هو. ۽ جڏهن هوءَ ڪنهن جيڏيءَ سرتيءَ کان ڦٽي ڏهاريندي هئي، تڏهن ڇڳ ڇڳ کي ڇڪي اچڻ سان به هو سندس دل ۾ لهي ايندو هو. وڏي ۾ وڏي ڪل جهڙي ڳالهه ته اها هئي، ته جڏهن ڪان هو سومل جي سپنن ۾ سايبان بڻجي آيو هو، تڏهن ڪان پيڻ (بلا) ڪان بچڻ لاءِ وهائي هينيان ٿوم جي ڳڙيءَ مان به ٻانس بدلجي ويئي هئي، ۽ ان مان

هن جي لوٿي کي ڦاڙي، هن جي مغز جي اڇي ڳاڙهي گوشت جا چيچڙا اڏائيندي، پويان ڪنهن ٿامي جي ٿانو ۾ ڪري ويئي ـــ ۽ هو انهين ٿي سوسل جي ٻانهن کي ياڪر ۾ جهلي اونڌو ٿي، منهن ڀر ڪري پيو.

❋ ❋ ❋

بارڊر پوسٽ تي ٻنهي ملڪن جا ڪمانڊر، لاشن، زخمين ۽ قيدين جي مٽا سٽا لاءِ گڏ ٿيا هئا. جڏهن هن جو لاش هيٺ لاٿائون ته هن جي آڪڙيل ياڪر ۾ اڇا تائين هڪ ٻانهن هئي، جنهن کي ڏونٺ کان هيٺ عاج جي ٻانهين پيل هئي، ۽ ان جو عاج رتائجي ويو هو.

هڪڙي ڪمانڊر لاش تي نظر وڌي: ”نه، هي اسان جو نه آهي....!“

ٻئي ڪمانڊر سا ڳئي لاش تي نظر وڌي، ۽ ڪنڌ ڌوڻيندي چيائين: ”هي اسان جو به نه آهي....!“

ڪمانڊرن لاءِ مسئلو پيدا ٿي پيو. هن لاش کي ۽ هن ٻانهن کي ڇا ڪن: ساڙين يا پورين؟ هو ڪجهه وقت ان مسئلي تي بحث ڪندا رهيا، پر ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهيا.... ۽ هن جو لاش ۽ وڍيل ٻانهن، رڻ جي واريءَ ڪان اهو سوال پڇندا رهيا!

# نچڻي

هن سال پهريون ڀيرو آءٌ موهن جي دڙي تي مليو هوس، هوءَ انهن صحافين ۾ شامل هئي جيڪي ”سنڌ صدين کان“ واري سيمينار جي ڪوريج لاءِ آيا هئا. مون تي اهو ڪم رکيل هو ته جڏهن ”ڊيليگيٽس“ ۽ صحافي موهن جو دڙو ڏسڻ هلن ته هنن ۽ سرڪاري عملدارن جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڏيان.

ميوزيم ۾ گهڙڻ وقت، هوءَ دروازي وٽ ٿي بيهي رهي، جڏهن سڀ اندر مختلف شيون ڏسڻ لڳا، ۽ ميوزيم جو ”ڪيوريٽر“ هنن کي سمجهاڻيون ڏيڻ لڳو، تڏهن آءٌ ٻاهر نڪري آيس. منهنجي بوٽ جي کڙڪي تي هن اکيون مٿي کڻي مون ڏانهن نهاريو.

”اوهان جي طبيعت ته ٺيڪ آهي نه؟“ مون رسمي طرح هن کان پڇيو. مون کي ائين لڳو، ڄڻ هوءَ پنهنجي رستي کان ڀٽڪي وئي آهي، ۽ ڪا عجيب وحشت هن جي اکين ۾ وسي رهي هئي.

”نه، آءٌ وڃائجي وئي آهيان!“ هن جا اڇا چپ وڌيڪ اڇا ٿي ويا هئا. سندس اکين جي ويراني ۽ سندس اڇي-ڳاڙهي يورپي منهن کي ٻه سره جي ٻن جي پيلاڻ جو رنگ ڏيئي ڇڏيو هو.

”نه نه، هي ته ميوزيم آهي، جنهن ۾ سينڌي کي اڇو هو....“

مون هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”تون نٿو سمجهين. آءٌ پنهنجي وجود جي وات وڃائي ويٺي آهيان.“ هن عجيب حسرت مان چيو. هن جي انگريزيءَ ۾ فرينچ لهجو نمايان هو.

مون ڀرپور نظر سان هن کي ڏٺو. ڀاويهن ٽيويهن ورهن جي، ڪليل اڇو-ڳاڙهو، ٻا هلڪو پيازي رنگ ڀوريون اکيون. ڪياڙيءَ تائين ڀتون-ڪٽ ڪٽيل وار جن هن کي ڪجهه چوڪرائپ ڪيفيت ڏيئي ڇڏي هئي. سنها چپ، ڀريل ڳل پر مٿن آس جي ڪري پيدا ٿيندڙ ڏڙپ ڏڙپ چاٺون، جيڪي عام يورپي چوڪرين کي گرم آب هوا ۾ پئجي ويندڙيون آهن. سنهون نڪ، جنهن جي ڀيڻڙيءَ ڪجهه ڦونٽي وريل. ڏگهي ڳچي، جنهن مان لاڪيٽ، هن جي اڌ جي وٿيءَ تي لڙڪي رهيو هو. سنهي جسم جي باوجود ڀريل ڀريل اڌ، ڪلهن کان هٿن تائين اگهاڙيون سڊول ٻانهون، جن تي ٻه، گرميءَ جي ڪري هلڪيون ناسي ناسي چاٺون پئجي ويون هيون. گوڏن کان مٿي اسڪرٽ جي ڪري هن جون ٽنگون، بلڪل سڌيون، ساسبريون. چيلهه سنهي، جنهن ۾ پيل پٽي هيڪاري ان کي ٻنهي سنهي ڪري ٿي ڏيکاريو.

”توهين اندر هلي ميوزيم ۾ شيون ڏسو ته دل وندري ويندي،“ مون همدرديءَ طور چيو.

”نه نه، مون کي پڻ تـو ٿئي...“ هن اهي لفظ فرينچ ۾ چيا.

لڳو.... هن شايد موهن جي دڙي تي ايترو ڪجهه پڙهيو آهي، ۽ قديم ديومالائن ڪي ايترو هنڊايو اٿس جو ”ڪل“ ٿڙي وئي اٿس. مون کي هاڻ هن سان همدرديءَ سان گڏ اهو به خوف ٿيڻ لڳو ته پين يورپي سڪالرن ۽ صحافين جيڪڏهن هن کي ان حالت ۾ ڏٺو ۽ پڙهو ته ڏاڍي ڳالهه ٿيندي. مون هن کي پرچائڻ جو سوچيو، جيئن ٽيڪ مونکي اهو ڏانءُ نه هو ته نفسياتي مريض سان ڪهڙو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي.

مون هن جي ڪلهي تي همدرديءَ جو هٿ رکندي چيو: ”تون گهبراءِ نه.... آءٌ توسان ساڻ آهيان.... تون هل اندر!“

هوءَ مون کي چنبڙي پئي. ڪرڙي وانگر پئي ڦٿڪي.

”مون کي نه وٺي هل، مون کي نه وٺي هل.... مان مري وينديس.... مهاپوجاري مونکي ڪنجهي جي آويءَ ۾ وجهائي ڇڏيندو.... خدا جي واسطي، مون تي رحم ڪر....او خدا، مون تي رحم ڪر....!“

آءٌ سمجهي ويس. هن کي اندر وٺي وڃڻ ته هيڪاري جوکم وارو ڪم هو. خواهه مخواهه جو ”اسڪينڊل“ بڻجي ويندو. ڪجهه سوچيندي مون هن کي آٿت ڏنو: ”چڱو ڀلا، اندر ڪونه ٿا هلون....اچ ته ٻاهر هلون....“

”ها نيرو، مون کي هتان وٺي هل.... پري، تمام پري .. جتي مهاپوجاري به اسان کي ڳولي نه سگهي....“

هن مون کي ”نيرو“ سڏيو. مونکي ڀڪ ته ڄڻ ته وڃي ٿي ته

پابند آهيون. اميد ته توهان کي ڪو اعتراض نه هوندو.“
”بلاشڪ، جهڙي ڪپڙي سو چيڪ اپ ڪرا“ هن ڪُڻڪي مرڪ سان چيو.
ڊاڪٽر ڪافي دير هن جو معائنو ڪندو رهيو، ۽ هن سان ڳالهائيندو به رهيو. ڊاڪٽر ڪلندي هنکان پڇيو: ”اوهان کي خواب ڪهڙي قسم جا ايندا آهن؟“
هن به هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو، ۽ چيائين: ”جيڪڏهن اوهين اوير وارا اهو ٿا سمجهو ته اسين يورپي رکو شهواني خواب ٿا ڏسون ته توهان پليل آهيو. اسين خواب به عام انسانن وارا ٿا ڏسون. انهن ۾ جنس سان لاڳاپيل خواب به ضرور هوندا آهن. پر ايترا نه جيترا اوهين سمجهو ٿا.“
ڊاڪٽر ويچارو ڪجهه ککو وکو ٿي ويو. شرم پرچائيندي چيائين: ”نه نه، منهنجواهومطلب نه هو. منهنجو مطلب هو ته خواب ڊيچوڙي جا به ٿي سگهن ٿا، پنهنجي مري ويل مائٽن جا به ٿي سگهن ٿا، ۽ ڪي خواب بنهه سمجهه ۾ نه اچڻ جهڙا به هوندا آهن.“
”عام رواجي خواب ڏسندي آهيان. منجهن اهڙي ڪابه ڳالهه نه هوندي آهي، جنهن کي ڪا خاص اهميت هجي....!“ هن جي جواب ۾ ڪابه بناوٽ يا اڪ سوچيل مترادو جواب نه هو.
آخ ڊاڪٽر کي چڻڻ لاءِ وري لاڙڪاڻي موڪليس. وات ني ڊاڪٽر چيو: ”يار، بظاهر ته چاڪ چڱي ڀلي آهي.

توکي گهري ونندس.... ان وقت رکو تـون مونکي پاکر ۾ پرتي، هن کي ڏيکارج تہ تون مونکي ڪيترو گهرين ٿو، ۽ تون مون بنا زنده رهي نہ سگهندين ...ا ڪجهہ تہ چئہ.... تون مون سان ناراض تہ نہ آهين.... رات آءٌ ڏاڍي ٿڪجي پئي هيس... ديوي ماتا جي اڳيان نچندي نچندي، جڏهن مون کي تون نظر آئين، تڏهن آءٌ ديوي بدران تولاءِ نچي هيس.... اعتبار نہ اچئي تہ، پنهنجي دل کان پڇي ڏس.... تنهنجي دل منهنجي لاءِ شاهدي ڏيندي ... پر جي تون اجا ناراض آهين تہ، پوءِ آءٌ تنهنجي لاءِ نچنديس.... هيئر جو هيئر....سمورن ديوتائن، چنڊ ۽تارن جي سامهون نچنديس...."

اوچتو جهٽڪو ڏيئي، منهنجي پاکر مان هلي ويئي.... آءٌ جڏهن هوش ۾ آيس، تڏهن ڏٺم تہ اسين موهن جي ٽڙ وٽ اچي پهتا هئاسين. هوءَ ٽڙ جا ڏاڪا هيٺ لهي ويئي، ۽ نچڻ لڳي: هن جي جسم ۾ عجيب وراڪا هئا: نيٽ جي لڪڻ جيان هن جو سنڌ سنڌ سڙي تـي ويو. هـن جڏهن هڪڙو هٿ چيلهہ تي رکي، هڪڙي ٽنگ تي بيهڻ جو انگ تي اختيار ڪيو تہ مونکي موهن جي دڙي جي نچڻي ۽ هن ۾ ڪوبہ فرق نظرنہ آيو، ۽ پوءِ هوجهولڻ لڳي، جهمر وجهڻ لڳي، پيرپون پائڻ لڳي. ائين ٿي پانيو تہ سنگيت جي ڪا نهايت مستاني ڌن هن کي نچائي رهي هئي، جيڪا مونکي ٻڌڻ ۾ نہ، ٿي آئي. ائين جهومندي جهومندي هوءَ وري منهنجي پاکر ۾ هلي آئي. هن جـي ساهہ جي رفتار سان همآهنگ، هن جو اُرهہ منهنجي ڇاتي ۾ ڇوليون هڻي رهيو

۽ وڇان سينڌ نڪتل هئس.

”.... مهاپوڇاريءَ کان اجازت وٺي آئي آهيان تہ آءٌ پاڻ پنهنجي پريتم نيرو کي ارپي ڇڏيان.... اسين هڪٻئي کانسواءِ جيئرا رهي نہ سگهنداسون، سائين....“ هن جي آواز ۾ اهڙي وينتي ۽ ليلڙاهٽ هئي، جو مون ڀانيو تہ هوءَ روئي رهي هئي.

”.... توکي پاڻ ارپڻ جو ڪو حق نہ آهي.... تون ديوتائن کي ارپيل آهين.... تنهنجو سڀڪجهہ ديوتائن جو آهي.... تنهنجو جسم، تنهنجو روح — تنهنجو تن من ۽ آتما — سڀڪجهہ: انهن تي منهنجو حق آهي.... ۽ توکي منهنجي حڪم موجب نئين راجا جي اڳيان نچڻو آهي تہ جيئن هو خونريزي بند ڪري، شهر کي ڀسم ڪرڻ کان باز اچي، ۽ ماڻهو هن جي ميجتا لاءِ تيار تي وڃن....!“ هن جي آواز ۾ عجيب پڙاڏا هئا. مون محسوس ڪيو تہ انهيءَ آواز جي بازگشت ۾ سنگيت جي هڪ عجيب اڻ لکي ڌن بہ پڌري ۾ تي آئي.

”نہ، نہ، نہ.... مان نہ نچنديس، ڌاريئن جي اڳيان، جيڪو اسان جي شهر کي تاراج ڪري چڪو آهي، جيڪو اسان جي ماڻهن کي غلام بنائي چڪو آهي....“ هوءَ هاڻ اوڇنگارون ڏيئي روئي رهي هئي ۽ آزيون نيزاريون ڪري رهي هئي.

”....اهو ديوتائن جو حڪم آهي.... ۽ توکي خبر آهي تہ ديوتائن جي حڪم نہ مڃڻ جي سزا ڇا آهي....“

# هڪ مُڙدي جي لاش

اصغر جڏهن بئريسٽري ڪري آيو، تڏهن پڻس ۽ رڳو شهر جي وڏن ماڻهن جي، پر پنهنجي تڪ جي سمورن زميندارن جي هڪ شاندار دعوت ڪئي هئي، ۽ ان دعوت جو نتيجو ڪو برو نه ٿيو هو. اصغر جي وڪالت جو ڏندو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو، ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ اصغر جڏهن پنهنجي هٿ اچڻ واري وقت کان اڳ جي ماضيءَ ۾ گهوري نهاريو ته هن کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ ته ڪيس ڪنهن ڪاريگر ڪڪر ڏنگي ورتو هو. اڳي جو هو ڪا سماجي برائي ڏسندو هو ته سندس دل ڪڙهڻ لڳندي هئي، هاڻ ساڳي برائي ڏسي هن کي هڪ اڻلکي خوشي محسوس ٿيندي هئي. اڳي ڪنهن جانور جي موٽر هيٺان اچڻ تي به ڏينهن هو ماني ڪائي نه سگهندو هو، ۽ هاڻ اسپتال ۾ کهاڙين سان چچريل انسان يا اسپتال جي مُڙدا-گهر ۾ ڪو انساني لاش ڏسندو هو ته هن کي هلڪو اطمينان ٿيڻ لڳندو هو. اڳ هو جڏهين به خواب ڏسندو هو تہ هن کي اڪثر پيارا پيارا سهاڄهڙا ماڻهو، سفيد گلابن جا تاج پهريو، حسين جسمن سان رقص ڪندا نظر ايندا هئا، ۽ هاڻ هن جي خوابن ۾ ڦاهيءَ تي لٽڪندڙ ماڻهو، کهاڙين ۽ لوڙهين سان چچريل لاش، چُرن ۽ چاقن سان چيريل پيٽ، رت ۾ ڳاڙهيون حسين جوانڙيون، تاش جي پتن جا تاج پهريل ڪيرو جوان

نظر ايندا هئا، ۽ اهڙي خواب کان پوءِ هن جو سارو ڏينهن هڪ عجيب سڪون ۽ اطمينان ۾ گذرندو هو. ۽ سندس ڪنوار اهو سڪون ۽ اطمينان ڏسي، سمجهي ويندي هئي ته ان ڏينهن ڪيس ڪو خون جو ڪيس مليو هوندو، ۽ هوءَ ڪنهن نئين؟ سازهي؟، ڪنهن نئين تحفي جي اميد ۾ سارو ڏينهن اطمينان ۽ خوشيءَ ۾ چال ڏيندي رهندي هئي.

اصغر جو دوست باريسٽر فلپ، انگلنڊ کان گهمي لاءِ آيو ته هن کي وري اهي ڏينهن ياد پيا، جڏهن هو ٻئي انگلنڊ ۾ ڪنهن پب يا ڪلب ۾، لئٽن-آمريڪن رقص جي ڌنن تي ٿڙڪندا، ٿاپڙندا، ساري ساري رات گذاريندا هئا. هو سمجهي پيو ته فلپ کي هت ڪهڙا ڪهڙا هنڌ گهمائي.

هن کي هڪ خون جي ڪيس ۾ بدين وڃڻو هو. هن فلپ کي پاڻ سان ڪنيو ۽ کيس بدين گهمائي آيو. فلپ چپ چاپ بدين جي شهر، ڪورٽ ۽ ماڻهن کي ڏسندو رهيو، ۽ جڏهين هوجمپ؟ ۾ چڙهي واپس حيدرآباد هلڻ لڳا، تڏهين به فلپ چپ رهيو. اصغر کان رهيو نه ٿيو پڇي ويٺو، ”چو فلپ، تون ماٺ ڇو ٿي ويو آهين؟“

فلپ پهرين ته ڪو به جواب ڪونه ڏنو، پوءِ چيائين، ”مون کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، ان ڪري چپ آهيان!“

اصغر به کلي ڏنو— ’هي ويچارو ڇا سمجهندو هتان جي وڪالت!‘

”تون منهنجي جواب تان کلين ڇو ٿو؟“

”دوست، تون هن وقت پنهنجي ملڪ جي معيار سان سڀڪجهه ڏسي رهيو آهين، ان ڪري توکي ڪجهه سمجهه ۾ نه ايندو. تنهنجي ملڪ ۾ وڪالت نهايت ڏکي آهي، ۽ هت نهايت مهانگي.“

”اهو ڏکئي ۽ مهانگي جو ضد نه ڪجهه نئون فلسفو آهي!“ فلپ جي آواز ۾ ڪجهه ٽوڪ هئي.

”مون کي پڪ هئي ته تون اهو سوال ڪندين، پر حقيقت به ائين آهي. تنهنجي ملڪ ۾ ڏوهه جي قيمت سزا آهي، ۽ هت ڏوهه جي قيمت ڏوڪڙن ۾ ٿي ڪٿجي!“

فلپ جي منهن تي هاڻ تـه اهڙو جهاڳ سان گڏ هڪ ڏپ ڳاڙ حيرت به هئي.

”سو ته تون تڏهين سمجهي سگهندين، جڏهين—“ ۽ عين ان وقت هن کي زور سان جيپ کـي برڪ ڏيڻو پيو. جيپ اڳيان، رستي جي پوري وچ تي، هڪ پير مرد پنهنجي جتيءَ ۾ ڪنهن پٿر سان ڪوڪو ٺوڪي رهيو هو. اصغر جي وات مان گار نڪرندي رهجي ويئي: ”پريا مڙس،.... ڪٿيءَ ڪنهو اٿيئي چا!“

پريو مڙس رستي تان هٽي پري تـه ٿيو، پر هن جـي چهري تي ڪا خاص گهٻراهٽ نه هئي، پيا سندس چهري تي چڙهيل لٽڪ ۾، ڏپ ۽ گهٻراهٽ جا احساس به لڪي ويا هئا. هن فقط ايترو چيو، ”جي، سائين!“

باوجود ڪاوڙ جي، اصغر کلي ڏنو. فلپ ويچارو ڪجهه نه سمجهندي، رکو پرئي مڙس کـي چتائي ڏسي رهيو هو.

پرڻي مڙس جي منهن ۾ هڪ عجيب ياسيت جو عالم هو، چاپٽين ڏاڙهي، هونٺن ته ڪجهه اچي به هئي، ڪجهه لٽ جي ڪري پوري تـي نظر آئي. سندس نرڙ ۾ گهنج اهڙا هئا، جن کي ڏسي ائين ٿي خيال ٿيو ته هن پرڻي مڙس سچي عمر پهڻ ڪٽيندي گذاري آهي. اچي پر مرٽيل ڪَـسي ڳچي جي قميص ۽ ڪاري سٿڻ ۽ مٿي تـي ڪارو پٽڪو، جنهن جي ڪاراڻ ۾ الاجي ڪيترا غريبيءَ جا عيب لڪل هئا، ۽ هٿ ۾ چنل گهيتلو.

اصغر پرڻي مڙس کان پڇيو: ”پـريا مڙس، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”حيدراد“ (حيدرآباد).

”يوه ڪڏهين پهچندين؟“

”سائين، ڏينهڪا!“

۽ اصغرکان وري به ڪل نڪري ويئي، ۽ هن جيپ کي اڳتي وڌايو.

فلپ ڪائونس اوچتو سوال ڪيو: ”کهڙيءَ ڳالهه تان کلئين؟“

”هتي جا ماڻهو به عجيب آهن. پڇيومانس ته ’موت ڪنيو اٿئي چا‘، ته بنا ڪنهن هٽڪ جي جواب ڏنائين تـه ’هائو‘! هنن ماڻهن لاءِ ته موت ۽ حياتيءَ ۾ ڪو فرق ئي ڪونهي!“

”ان ۾ کلڻ جي ڳالهه کهڙي هئي؟“

اصغر کي هاڻ فلپ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي: ’هي ته

ڪو فيلسوف ٿي ويو آهي، مزاج ني به ڪيس ڪل نٿي اچي .... هون!'

"ڀيو ڇا پڇيئين؟"

"پڇيو مانس تہ 'ڪيڏانهن پيو وڃين'، تہ چيائين تہ 'حيدرآباد' ۽ 'هتان پنڌ حيدرآباد، هڪ ٻي ڏينهن ۾ پهچندس' تي مون کي کل اچي ويئي!"

"پوءِ تو چيو نہ کيس حيدرآباد تائين ڪٿي هلڻ جي آڇ ڪئي!"

"فلپا هن ملڪ ۾ جيڪڏهين ماڻهن کي پنهنجي گاڏين ۾ کڻڻ جي آڇ ڪرڻ لڳون، تہ سارو سال ماڻهو ڀوڳيندي گذري وڃي."

اصغر کي پنهنجي انهيءَ 'ماڻهو ڀوڳڻ' تي بہ کل اچي ويئي، ۽ فلپ هڪ عجيب نگاهہ سان هن کي تڪيندو رهجي ويو. ۽ ان نگاهہ ۾ ڪاوڙ، پشيمانيءَ ۽ بيوسيءَ جا احساس گڏجي، محض اهو جهاڳي بنجي ويئي.

* * * *

ٻئي ڏينهن اصغر فلپ کي حيدرآباد جون ڪورٽون ڏيکارڻ نڪتو. ڪار کي پارڪ ڪرڻ لاءِ، جئن موڙي رهيو هو تہ اُگهان ڪا شيءِ ڏسي بريڪ ڏنائين. ڪاوڙ سان هيٺ لٿو، تہ سندس منشي ڊوڙندو آيو، ۽ ان شي کي تڏو هٽي، چيائين "او پوڙها، مرڻو اٿئي ڪيئن، جو اتي سمهي رهيو آهين؟"

ستل پوڙهو، اوٻاسي ڏيندو، 'ڪر' موڙي اٿي ويٺو.

پريو مڙس هو. ۽ ڳچ رات تائين بحث ڪرڻ کان پوءِ، ڪنهن فيصلي تي پهچڻ کان سواءِ، ٻئي ڄڻا هڪٻئي کي دوستيءَ جو يقين ڏياريندا الوداع چئي وڃي سمهي پيا.

# وڻ جو موت

هو اٺين ٿي بنا ارادي، ”شڪر پڙيان“ جي ٻهاڙيءَ ڏانهن هليو آيو هو. اتي پهچي، هن پنهنجي پاڻ کان پڇڻ شروع ڪيو هو ته، هو اتي ڇو آيو هو؟ ڇا گهولڻ آيو هو. مون کي شايد ڇانوَ جي گهرج آهي، هن پنهنجي پاڻ کي جواب ڏنو. هو جڏهن کان هت آيو هو، تڏهن کان هو ڇانوَ ڳوليندو رهيو هو. هن کي يقين ٿي ويو هو ته هتي ڇانوَ نه هوندي. پاڇولا ضرور هئا، پر ڇانوَ بنهه ڪانه هئي. نتهن آس ۽ پاڇولي ۾ ڪو فرق ڪونه هو. پاڇولن ۾ به نتهن آس جي آنت هئي.

هت پاڇولا به عجيب هئا. ماڻهن جا پاڇولا ڪاٺين وڏا هئا، وڻن جا پاڇولا وڻن کان ننڍا هئا، ۽ مسجد جي پاڇولن ۾ ماڻهن جا پاڇولا بلڪل الڳ ۽ علحده نظر ايندا هئا: پاڇولن ۾ پاڇولا، جيئن مسجد جي پاڇولن تي ماڻهن جا پاڇولا مٿان چنبڙيل هئا. پر انهن سمورن پاڇولن ۾ هڪ ڳالهه ساڳي هئي: انهن پاڇولن ۾ ڪابه ڇانوَ نه هئي.

هڪ ٻي ڳالهه به هن کي منجهايو هو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جي منهن جو رنگ مٽجي ويندو هو، ۽ سندن روح نتل ڪاندي جي روح اختيار ڪندي هئي. هن کي ائين محسوس ٿيندو هو ته ان وقت جڏهن، هن ڪنهن ماڻهو کي هٿ لاتو ته هنجو هٿ سڙي پوندو. اهو احساس ايندي

چانو متعلق ڏي سوچيندو رهندو هو، ايڏن به نه هو ته ڪو هن انهن مونجهارن کي سلجهائڻ جي ڪوشش نه ڪئي هجي، پر جنهن ڪان تي هن پڇيو، تنهن هن جي ڳالهه کي چرچي ۾ ٽاري ٿي ڇڏيو، يا ڳالهه جو موضوع بدلائي ٿي ڇڏيو.

هن کي جڏهن قومي يڪجهتيءَ جي کاتي ۾ نوڪريءَ جو آرڊر مليو، تڏهن ماڻس هلندي وقت روايتي نصيحتون به ڪيون هيون: مثلاً.

”ابا، اهڙي مٺي نوڪريءَ کي باهه ڏي جو پرديس جا ڌڪا ٿابا کارائي....“

”ابا، پرديس ڏو وڃين: مڙئي پنهنجو خيال رکجانءِ! گهوري وڃانءِ، متان ماسهين وارو ڪم ڪرين، جو پرديس نوڪريءَ تي ويو ته اتان ڪا ڇوڪري ٻيل به ساڻ ونيو آيو....“

”ابا، ٻاهر نڪرين ته ”ڪن“ ضرور ڍڪجانءِ: هتي اتي ته اتي ڪاڙهو مڙئي سرس تو ٿئي....“

ٻيون نصيحتون ته هن ڪلي، هڪڙي ڪن ڪان ٻڌي، ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيون، پر آخري نصيحت تي هن کي لاچار تي عمل ڪرڻو پيو. ٻهرين ته هو انهن عام طرح ٻنان ”ڪن ڍڪڻ جي آفيس اچڻ لڳو، پر جڏهن سڄي وات، هن کي ڪٿي به چانو“ نه ملي، تڏهن گهر کان ٻاهر نڪرڻ شرط، رومال سان ڪن ڍڪي ڇڏيندو هو. آفيس پهچي، رومال لاهي کيسي ۾ وجهي ڇڏيندو هو. هن کي پنهنجي ان عادت تي اهو خيال به ٿيندو هو ته رستي تي هلندڙ ماڻهو

جي ڪاڻي ۾ هيترو وقت نوڪري ڪندي ٿيو اٿئي، توکي اڃا اها به خبر نه پئي آهي ته ڪهڙا سوال پڇجن، ڪهڙا نه پڇجن!“

”مون ته رڳو هڪڙي عام مشاهدي جي ڳالهه ٿي ڪئي....“ هن ڪپتان ڏيندي پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش ڪئي.

”خير....اڃا نئون نئون آهين: تجربو پاڻيهي سيکاريندئي.... آءٌ توکي فقط ايترو چوندس ته دنيا ۾ ڪي اهڙا هنڌ به آهن جتي ماڻهن کي پاڇولا ٿين ئي ڪونه: ڪنهن هنڌ وڻن جا پاڇولا وڻن کان وڏا آهن، ۽ ڪن هنڌن تي مسجدن جي پاڇولن ۾ انسانن جا پاڇولا پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهندا آهن....اهي اهڙا مسئلا آهن، جن کي قومي يڪجهتيءَ جي وڏي مقصد لاءِ ڪاڻي وڃڻ ئي تنهنجي لاءِ بهتر ٿيندو....“

هو سڄو وسامي ويو. هن کي پنهنجي احمقپڻي تي ڪاوڙ اچڻ لڳي، ۽ ان ڪاوڙ کان هنجون اکيون هيٺ جهڪي ويون، ۽ هن جو هيٺيون چپ ٻاهر نڪري، بنا ارادي ٿڙڪڻ لڳو.

هن جي ساٿيءَ هنجي پريشانيءَ کي محسوس ڪندي مرڪي ڏنو، ۽ سندس ڪلهي تي هٿ هڻندي چيائين: ”ڇڏ انهن ننڍن ماڻهن ۽ وڏن پاڇولن جي ڳالهين کي.... تون ٻڌاءِ ته پنهنجي ساٿي آفيسرياڻيءَ سان تنهنجو معاملو ڪٿي پهتو آهي.... هوءَ ته وڏا خواب پئي ڏسي....“

هن جو چپ هيڪاري ٻاهر نڪري آيو، ۽ هن سوچيو

نظر آئي ته هلبو آيس....“

”چانو جي ڳولا به خطري کان خالي نه آهي سائين!“

”ڀلا هن وڻ کي هي قتل ڪامي جا زنجير ڇو وڌا اٿن؟“ هن چڱي پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي چيو.

پيرسن جواب ڏيڻ بدران، هن جي پرسان ٿڏي ٿڏي چانو ۾ ويهي رهيو. پوءِ پڻ پڻ ڪندي چيائين:”اهو سوال پڇي اوهان چانو لاءِ به خطرو پيدا ڪري وڌو آهي،سائين!“

هن چڱي پرٺي مڙس جي سرگوشيءَ کان ڪي پهو سوال ڪيو: ”چانو لاءِ خطرو؟“

”مون کي هنن وڻن جي پرگهور لهندي ورهيه گذري ويا آهن. جڏهن به ڪو مسافر هت چانو جي ڳولا ۾ آيو آهي، تڏهن ڪنهن نه ڪنهن وڻ جي موت جو ذميدار ثابت ٿيو آهي. مهرباني ڪري اوهين هتان هليا وڃو. مون وٽ باقي هيءَ پاڇولو رهجي ويو آهي، جنهن ۾ اڃا ڪجهه چانورو آهي....“

”پر هي هت آيو ڪٿان؟ هن ٽر جو ٽـه هي وڻ ٿي ڪونهي.“

”هي اتان جو وڻ آهي جتي جڏهن آڪ ٽپندا آهن، تڏهن سندن ڏينهن ۾ ڦاڙين سان چانو جا ريشمي پوپٽ آڏامندا آهن....“

”پر ان جي اها سزا ڇو؟“

شڪر پڙيان جو ماڻهي ڳهڙي ڪن لاءِ مات ٿـي ويو. پوءِ هن برفپوش پهاڙن کي گهوريندي چيو:”سزا لاءِ ضروري

ڏار ڪرندا ويا، جيئن جيئن هن جـون سدا بهار جثائون ئڙ ڪان ڏار ٿينديون ويون، تيئن تيئن اسان جا پاڇولا وڏا ٿيندا ويا.... وڏا ٿيندا ويا....“

”۽ ڇالو....؟“ هن پنهنجو ساهه روڪي سوال ڪيو.

ان سوال پڇڻ شرط هن پاڻ کي ڊ ڪڻ ڊگهن پاڇولن ۾ گهيرجندو ويڙهجندو محسوس ڪيو! پـاڇولا چئني ئـي طرفن کان هن ڏانهن وڌي رهيا هئا. پاڇولا جن ۾ نئهڻ آس جي آنت هئي.... ۽ پوء پاڇولن جي پويان مائهو اڪٿي وڌڻ لڳا، هنن جي ڪلهن تي مسجدون هيون، ۽ هنن جي هٿن ۾ اهڙا هٿيار هئا، جن جي اوائڙي هنن جي منهن کـي ٿتل ڌامي جو رنگ ڏيئي ڇڏيو هو.

جڏهن بهرين گولي هن جي نڙيء مان پار لنگهي ويئي، تڏهن مرندي مرندي هن ڏٺو ته زنجيرون پيل بـڙ جي وڻ جو پاڇولو به مري ويو.

---

# ڪارونجھر جا مور

هوائي جهاز ۾ چڙهڻ وقت هن کي هميشه ائين محسوس ٿيندو هو، ڄڻ ته هن جا ڪن وڏيڪ مرلاءِ تي ويا هجن، ڇاڪاڻ ته هن کي پنهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ صاف ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. حفاظتي پٽو ٻڌندي ئي، هن کي سڄي بدن ۾ ۽ خاص ڪري پيٽ ۾ ڌن وٽ هڪ هلڪي لرزش محسوس ٿيندي هئي، بلڪل ائين جيئن سيٽو ٽپ شروع ٿيڻ وقت، سيءَ جي ڀريل لهر بدن ۾ گھمي ويندي آهي. هو ڪوشش ڪندو هو ته هوائي سفر نان پنهنجو ڌيان مٽائي ڇڏي، ته جيئن اهي لرزشون ۽ ڦٿڪيون رڪجي وڃن. هو مسافرن جي اچ، سيٽ کولڻ، ايئر هوسٽيس جي مرڪ، ۽ جهاز ۾ وڄندڙ هلڪي سنگيت جي ڌن — ۽ اهڙين ٻين ڳالهين ۾ پنهنجي ذهن کي مصروف ڪرڻ جو جتن ڪندو هو. ان ۾ ناڪام ٿيو ته وري پنهنجي ڪم بابت، دوستن بابت يا دنيا جي ٻين بکيڙن تي زوري سوچيندو هو. جيڪڏهن تڏهن به سندس ذهن مڪمل طرح مصروف نه ٿيندو هو ته ٻوءِ ننڍڙي ٻيگ مان ڪو ڪتاب، مئگزين يا اخبار ڪڍي پڙهڻ لڳندو هو. اڪثر ائين ٿيندو هو ته هو اجا پنهنجي ذهن کي مصروف ڪرڻ ۾ ئي مصروف هوندو هو ته ايئر هوسٽيس جو آواز مائيڪرو فون تي اچڻ لڳندو ته ”هاڻ اسين اڏامڻ وارا آهيون. مهرباني ڪري، حفاظتي پٽو ٻڌي

نظر آيون. هن کي ياد آيو ته هلندي وقت، هن جي دوست هن کي علي شريعتيءَ جو ڪتاب ڏيندي مهل چيو هو:
”اقبال علي شريعتيءَ تي وڏو اثر وڌو آهي. ڪتاب توکي ضرور وڻندو، ۽ خاص طرح ايران جي انقلاب سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملنديئي!“

هن ڪتاب بند ڪري ورتو، ۽ بئگ وري هيٺ رکي ڇڏيائين. هٿ مٿي ڪري، هن بتي ڏياري. ٿوري دير ۾ ڀترائين مرڪ واري ايئرهوسٽيس هن جي اڳيان هئي:”جي اوهان کي ڇا گهرجي؟“

هو هن کي ڪو جواب ڏي، ان کان اڳ، هڪ نوجوان انگريزي ۾ چيو:”ايڪسڪيوز مي....!“

هن هڪ گهڙيءَ لاءِ هن همراهه جي منهن ۾ نهاريو: وڏيون وڏيون نيريون نيريون اکيون، ڪليل نراڙ، وارن ۾ وچان سينڌ نڪتل، هلڪي بي‌ترتيب ڏاڙهي، سهڻا نقش، هڪڙي اک جي هيٺان هڪ وڏو مسو، جنهن هن جي سهڻن نقشن کي هڪڙو عجيب عيب ڏئي ڇڏيو هو.

ايئرهوسٽيس به هن کي هٿ جاهه ڏني. هن پنهنجي گوڏن کي ٿورو اندر تي ڇڪي ورتو، ۽ نوجوان، هن جي گوڏن کي اورانگهيندو، هن جي ڀر واري دريءَ واري سيٽ تي ويهي رهيو. عين ان وقت هن جي اکين ٻوٽان ٻهڙوريون ۽ ٻنوڏر پر سوڻ لڳا.

ايئرهوسٽيس وري پڇيو: ”اوهان ٻنهي وٽايو....“ ۽
”هڪڙو گلاس علي شريعتيءَ جو....!“ هن چيو.

”جي....!؟“ ايٽرهوسٽيس جي ڀرائين مرڪ سواليه نيڻ جي ڪري ليڊي ليڊي ٿي وئي.

”معاف ڪجو.... منهنجو مطلب آهي، ڪلاس پاڻيءَ جو!“

ايٽرهوسٽيس جي مرڪ وري سڌي ٿي ويئي. پر هن ليڊي اڪ سان عليشريعتيءَ جو ڪتاب ڏسي ورتو هو. ”اوهان کي ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو. فلائيٽ ’ٽيڪ آف‘ ڪرڻ واري آهي....“

”ٻر نيسين تہ يونوڊر ۽ يونيورسيٽيون....“ هن سنڌيءَ ۾ ڀڻ ڀڻ ڪئي.

”جي....؟!“ ڀرائين مرڪ هاڻ بلڪل غائب ٿي ويئي.

”مون کي هي ڪوريون ڪائيون آهن.... اڪي ٿي دير ٿي ويئي آهي....“

”چڱو، ڏسان ٿي تہ آءٌ ڇاٽي ڪري سگهان....“ ايٽر هوسٽيس جي انگريزيءَ ۾ اهڙي ”انڪسينٽ“، اهڙو لهجو هو، جو هو سمجهي نہ سگهيو تہ ڪهڙي پاسي جي آهي.

هو پاڻي اچڻ جي انتظار ۾، جهاز جو جائزو وٺڻ لڳو. هن کي سيٽ اهڙي هنڌ ملي هئي، جيڪا جهاز جي پهرئين اڌ ۾، ارڙهين نمبر قطار ۾، 18-G اي ۽ ايف ڪان پوءِ واري ٻن سيٽن مان هئي. سندس پاسي 18-H واري سيٽ تي هن جو نئون پاڙيسري مسافر اچي ويٺو هو. هن جي اڳيان وارين ٻن سيٽن تي هڪڙو آمريڪي جوڙو ويٺل هو، جيڪو ٽوئرسٽ يعني سياحت ڪرڻ جرشوقين ٿي ڏٺو. هومستقل

جهيڙي سر ۾ شروع ٿي. هن پنهورن ۽ ڀونرن جي پرڻ کان اڳ، اهي ٽن سڄاڻي ورتي:

ڀورين ڀونديسان، چونديسان،
رهـــي وڃ رات پنهـوز ۾!

ان ڏن جي سڄاڻپ سان ئي هـن کي زرينه يـاد آئي. زرينه ياد آئي ته پلمجو ياد آيـو. پلمجو يـاد آيو تـه ”انڌا اونڌا ويچ“ ياد آيو، ۽ اياز ياد آيو. اياز جو ياد اچڻ سان هن کي ”ڀونر ڀري آڪاس“ ياد آيو، ۽ هـن جـي پنهنجي دماغ جي پاتال ۾ ڀونر پرڻ لڳا، پنهوريون پـرڻ لڳيون، پيلا پيلا ڀوپٽ پرڻ لڳا. ان کان اڳي جـو ڪارونجهر جا مور لهي پون، هن کي وري پترائين مرڪ واري ايترهوسٽيس ياد آئي. پاڻي يادآيو، ۽ پنهنجو پاڙيسري سيٽ وارو نوجوان ياد آيو، جنهن هن جي پاڻيءَ جـي پڇڻ کان اڳ واري زماني ۾ علي شريعتيءَ جي ڪلاس جو آدمو پيدا ڪيو هو.

”آءِ هي ڪتاب ڏسي سگهان ٿو....“ هن جي پاڙيسريءَ چيو. هن جي انگريزي لهجي مان هو ترڪ ٿي لڳو، عراقي ٿي لڳو يا ايراني. هن جي ڏاڙهيءَ مان ترڪ يـا عراقي هجڻ جي امڪان کي خارج ڪري هن فيصلو ڪيو ته هو ايراني آهي.

”ضرور....“

هاڻ هن جي هٿ ۾ فقط گورين جي شيشي هئي. هن ذهن تي زور ڏنو: ها، هن کي گوريون هڪدم کائڻ گهرجن. اڳي ئي دير ٿي چڪي آهي. ڀونر ۽ پنهوريون.... سنگيت

جي ڏن جي رڪارڊ جو آخري حصو شايد ڪٿ سيٽ ۾ ڦاسي پيو هو:

رهي وڃ رات پنهور ۾....!
رهي وڃ رات پنهور ۾....!
رهي وڃ رات پنهور ۾....!

هن وري گهنٽيءَ ڏانهن هٿ اڳيو ڪيو اچو ٻئي ڳاڙهو ٿي ويو، بلڪل ايئن، جهڙي طرح هن جي دماغ جي اندر پنهورپون وڏيڪ ڳاڙهيون ٿي رهيون هيون.

ايٿرهوسٽوس هن وٽ پهتي. پر هن جي مرڪ پتراڻين نه هئي. هن جي چپن تي نيري لپسٽڪ لڳل هئي، بلڪل نيرن پوٽرن جهڙي، جنهن سان مرڪ جهاتي پائي نٿي سگهي. هن جا چپ نيراڻ جي ڪري اصل کان وڏيڪ اونها ٿي نظر آيا پر منجهن ڪاڻ زندگي نه هئي، نه مرڪ، نه رنجش، نه ڏک، نه بيزاري، رکي مرڪ هئي، مرڪ جو غدر، پتراڻين مرڪ کان وڏيڪ ٿڌي، وڏيڪ اڻ سوچيل.

”جي، اوهان بيل وڃايو....“

”هوءَ پتراڻين مُرڪ واري ايئرهوسٽيس ڪيڏانهن وئي؛ مون هن کي ڪجهه چيو هو....“ انتظار کان پوءِ بيزاري هن جي لهجي مان ٿي ظاهر هئي.

”هوءَ اوهان مان ... ڏسو نه، اسين به انسان آهيون. اوهان هن سان بٽرفلائز (Butter flies) جي ڳالهه ڪيئن ڪئي....“ نيرا چپ، نيريون ڳالهيون. ٿڌيون پر هن پيري سوچيل سمجهيل.

”نه پوئنر جو ترجمو ’بٽرفلاءِ‘ آهي، نه پنهوريءَ جو....“
هن بيزاريءَ تي هاڻ هن کي پاڻ به حيرت ٿي رهي آهي.

”هوءَ جتان جي آهي، اتي پنهوريءَ کي ’بٽرفلاءِ‘ جي ترجمي ڪرڻ تي انگريزيءَ ۾ ايم.اي جي ڊگري ملندي آهي....“ نمرا چپ پنهنجو رنگ بدلائڻ لاءِ آتا هئا.

”پوءِ ڪيس چئو ته ڄامشوري جي پل هيٺان، جيڪو گهڻو پاڻي وهي هليو آهي، ان جو ٿي هڪڙو گلاس آڻي ڏيم ته آءٌ پوئنرن ۽ پنهورين جو ڪجهه علاج ڪريان.... هيءَ شيشي ڏسو، اها به ڪلهه جي انتظار ۾ آهي..... ۽ ها، اوهان جي رات پنهور ۾ الڪي پئي آهي، ان کي ڪٽائڻ جو به ڪو بندوبست ڪريو....“

هن ڏنو ته نيرن چپن ۾ اَمرڪ مرڪ ۾ تبديل ٿي وئي، ۽ هوءَ هلي وئي.

”اوهان علي شريعتيءَ کي پڙهيو آهي....؟“ هن جي پاڙيسريءَ ڪتاب واپس ڪندي پڇيو.

”اوهين ايراني آهيو نه؟“

”اوهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو....؟!“ هن پنهنجي هسي کي ٻن آڱرين سان مهٽيندي چيو. هسو هن جي چپنيءَ ۾ غائب ٿيو ته هن جي ان عمل سندس عجب کي ڏکي چڙيو. هن کي هن جون اکيون مرڪندڙ ڀاسيون.

”ها، مون سمورن علي شريعتن کي پڙهيو آهي... اقبال کان امرجليل تائين....“ هن جي دماغ ۾ اڇايل مور سرڪي رهيا هئا.

هن جي پاڙيسريءَ پنهنجي هسي کي مهٽڻ ڇڏي ڏنو. هن جي منهن ۾ عيب ڪر ڪٿي بيهي رهيو، ۽ ڪي ٽي سوال هن جي اکين ۾ لهي آيا.

”اوهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو؟“ هن پنهنجي پاڙيسريءَ کي چيو، پر هن جي اکين ايئرهوسٽيس کي ايندو ڏٺو، جنهن جي هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس هو. پري کان ڀنهي ايئرهوسٽيسن ۾ هن کي ڪو فرق نظر نه آيو.

”ها، آءٌ ايراني آهيان.... پر اوهان ڪيئن سڃاتو؟“

”اڃي هان، هي پاڻي....“ پتراڻين مرڪ واري ايئر هوسٽيس هن کي ڪاغذ جو گلاس ڏيندي سنديءَ ۾ چيو.

هن شيشي کولي، ٻه گوريون ڦڪيون، ۽ شڪرگذاريءَ جي نظرن سان ايئرهوسٽيس کي ڏٺو.

”منهنجي زندگي بچائڻ لاءِ مهرباني....!“ هن ايئرهوسٽيس ڏانهن منهن ڪري چيو، جيتوڻيڪ هن چوڻ ڪجهه ٻيو ٿي چاهيو.

”اوهين ڪٿان جا آهيو... ؟“ پتراڻين مرڪ ۾ سنڌيپڻو لهي آيو.

”اسين ماڻهو لاڙ جا، دريا جي ڀڃاڙ جا....“ هن جهونگاريو.

ان مهل مائڪرو فون تي آواز آيو. ”عماني جا ماڻهو، پنهنجي پنهنجي پوزيشن سنڀاليو؛ اسين اڏامڻ وارا آهيون....!“ ايئرهوسٽيس ٽڪڙي ٽڪڙي موٽي ويئي. واٽ تي، هلڪو ڪنڌ موڙي، هن کي اڌ نظرسان ڏٺائين، ۽ ڪئبن ۾ هلي وئي.

۽ بيزاري هئي، چاڪاڻ تہ اهو سوال محض ويڙهاند تي سوچڻ خاطر هو، يا اندر جي جنگ بدران ٻاهرين جنگ ڏانهن خيال بدلائڻ جي هڪ ڪوشش.

”نہ..... ها، اها ايراني قوم لاءِ بشارت آهي: خدا جي طرفان، امام خمينيءَ جي ذريعي!“

مون جي دل چاهيو تہ هو ڏسي تہ مون جو پاڙيسري پنهنجي هسي ڪي مهٽي رهيو هو يا نہ، پر اڪين ڪولڻ ۽ ڊپ جو مرحلو طئہ ڪرڻ جي اها همت نہ ٿيس.

”خدا ڪي ايترو ڪوس، ايتري خونريزي ڪيئن پسند هوندي؟“

”خدا هميشه حق جي پاسي هوندو آهي....“

نہ چاهڻ جي باوجود مون پنهنجون اکيون کولي ڇڏيون: ايراني پاڙيسري پنهنجي عيب ڪي مهٽي رهيو هو. پرسندس اکين ۾ مرڪ نہ هئي.

”۽ خدا هميشه حق جي پاسي هوندو آهي....؟!“ مون جي ورجاءَ ۾ لڪل سوال ايرانيءَ کي بہ جهنجهوڙي ڇڏيو.

”اوهين مون تي يا ايران تي طنز ڪري رهيا آهيو!“

”دوست، آءٌ طنز ڪان ڪهڙو اڳتي نڪري آيو آهيان....“

مون بيزاريءَ جي لڪاءَ نہ ڏيڻ لاءِ، پوڙهن ۽ ٻنيورين جي ويڙهہ جو سهارو ورتو.

”ڏسو نہ، ايران جنگ شروع نہ ڪئي هئي. اڳرائي عراق طرفان ٿي هئي، ۽ خدا ڪڏهن بہ اڳرائي وارن جي پاسي ٿي نہ ٿو سگهي...“

”۽ خدا ڪڏهن به اڪرائي وارن جي پاسي تي نه ٿو سگهي.... ؟!“

”ڏسو، ڏسو! اوهين وري طنز ڪري رهيا آهيو.... بلڪل اهڙي طرح، جهڙيءَ طرح اوهان هن ويچاري ايڇ- هوسٽيس تي طنز ڪئي هئي!“

”سو ڪيئن؟“

”اهوئي ’بئرفلاء‘ وارو قصو؟“

”اها ڳالهه توهان سمجهي نه سگهندين چاڪاڻ ته اسان وٽ زبانن ۽ ڪلچرن جو وڏو رولو آهي، منهنجا دوست!“

”زبانون ۽ ڪلچر انسان جي تاريخ آهن، ڪين نه؟“

”ته پوءِ عرب ۽ عجم ڪا معنيٰ رکن نه ڪهرجن؟!“

”توهان وري طنز ڪئي آهي.... عراق سان اسان جو ڪو نظرياتي جهيڙو ڪونهي!“

”تڏهن جهيڙو ڇاتي آهي؟“

هن ڏٺو ته هن جي ايراني پاڙيسريءَ پنهنجي هستي کي مهتن ڇڏي ڏنو هو، هن جي اکين ۾ علي شريعتي وسل لڳو هو.

”جيڪڏهن سولو ۽ سنئون سڌو جواب ڏيان ته هوند آءٌ اهو چوان ته اسلام ۾ سوشلزم ان حد تائين آهي ته، پورهيت انسان جو ملهه سڀ کان مٿاهون آهي، هو سڀ ڪجهه پيدا ڪري ٿو، ان ڪري هر چيز جو خالق آهي: زبان جو، ڪلچر جو، انساني رشتن جو، ويندي مذهب جو. سوشلسٽ به چون ٿا ته جڏهن انسان جو پورهيو اقتدار ۾

ايندو، تڏهن طبقا ختم ٿي ويندا، ۽ رياست به ختم ٿي ويندي. اسلام به اهوئي ٿو چوي ته اسلام ۾ بين الاقواميت جو پيو نالو آهي، جڏهن سمورا ويڇا ختم ٿي ويندا. ظالم نه رهندا؛ مظلومن جو راڄ ٿيندو، تڏهن هي ايران، هي توران، هي عرب، هي عجم — اهي سمورا مترادو ڳهڙيل فرق — پنهنجن لفظن ۾ طبقاتي نظام جون پيدا ڪيل سرحدون ختم ٿي وينديون؛ چين به اسان جو هوندو، عرب به اسان جو هوندو....!"

"تابه ڪاشغر....!" هن جي واتان نڪري ويو.

"مطلب؟"

"مون کي رڳو اقبال جو هڪ شعر ياد اچي ويو هو...."

اقبال جو شاهين هن جي دماغ جي سرحدن ۾ پنهنجا پر پکيڙي چڪو هو.

"اهو غلط آهي ته علي شريعتيءَ اقبال کان پنهنجو فڪر آڌارو ورتو آهي...." ايرانيءَ جي اکين ۾ پهريون ڀيرو هن حسد ڏٺو.

"منهنجو مطلب اهو نه هو...." هن چوڻ ٿي چاهيو ته اقبال جو ذهني سفر ايئن نه هو، پر هو پنهنجو مطلب ادا نه ڪري سگهيو.

"اوهان ڇا کائيندؤ: پاڪستاني يا ڪانٽينينٽل؟" نيرن چپن جي رنگ جي لپسٽڪ واري ايئرهوسٽس، ٽرالي هن جي برسان آڻيندي پڇيو.

گوشت جي بوءِ، ٽريل پٽاٽن جي بوءِ سان گڏجي هن تي ڪاهي آئي.... ۽ هن جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي. هن

مرڪ کي لڪائي ڇڏيو هو. اڇو پٽو هن جي اکين تان ٿي لنگهيو، جنهن ۾ الائي ڇو هن کي پنهنجائپ نظر آئي.

”اوهان ڪجهه نه کاڌو.... پلا ڪا ڪافي ڏيا چانهن پيئندا؟“ ڪاري پٽي جي باوجود هو انهن لفظن کي ڏسي ٿي سگهيو. انهن ۾ به هن کي پنهنجائپ نظر آئي.

”ها، ڪافي آئي ڏيو ته مهرباني ٿيندي؛ بلئڪ، نو شگر....“

هن جو پاڙيسري هن وارو ڪتاب پڙهي رهيو هو. هن جي چهري تي جيڪو رنگ هو، ان کي هو نه سمجهي سگهيو. ان ۾ ڏوهه هن جي اکين سان نڪرندڙ ڪارن اڇن پٽن جو هو.

”اوهان کي ننڊ اچي ويئي هئي.... ڇا اوهين بيمار آهيو؟“

”نه، آءٌ ته پاڻ هاڻ شفاياب ٿيو آهيان.... سمورن بيمارين ۽ دردن کان ڇوٽڪارو ملي ويو آهي....“ هن کي پاڻ تي رحم اچي رهيو هو.

”اوهين ڪيڏانهن پيا وڃو.... لنڊن يا نيويارڪ؟“هي نلائيمٽ لنڊن جي رستي نيويارڪ وڃي رهي هئي.

”لنڊن.... ۽ اوهين....؟“

”آءٌ به لنڊن پيو وڃان.... پنهنجي پيءُ سان ملڻ لاءِ؛ چري، هن کي اسان جي انقلاب ۾ خاميون ٿيون نظر اچن.“

هن جو پاڙيسري جڻ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو.

”توده وارن سان نه ڪانهي؟“

”نه، خلق وارن سان همدرديون اٿس.... پهرين انقلاب

جي حامي هئي، پوءِ....“
”۽ اوهين....؟“

هن جي ٻاڙيسريءَ جي اکين ۾ شڪار ٿيندڙ پکيءَ واري ڪيفيت هئي. اوڏيءَ مهل ايئرهوسٽيس هن لاءِ ڪافي کڻي آئي، ۽ هن جي اڳيان واري ميز سنڌي ڪري، ان تي رکيائين، ۽ ڪا گهڙي هن جي اکين ۾ ڪجهه نهارڻ لڳي. وچن لاءِ مڙي، ۽ وري ٻيهي رهي.

”مهرباني....“ هن ٿورو دير سان چيو.

”چاجي.... اهو ته اسان جو فرض آهي.... اوهان منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو ته ڪٿي جا آهيو؟“ هن جي مرڪ هاڻ پٽرائين نه هئي.

”پانيان تو نه مون کو جواب ڏنو هو....“

”اهو ئي ’اسين ساڻهو لاڙ جا، دريا جي پڇاڙ جا،‘ وارو؟“ هن جي سنڌي لهجي مان هن سمجهيو نه هو ساهتي جي آهي. نه چاهيندي به، هو ٿورو آيو تي ويو.

”اوهان جو سنڌي مجن جوشڪ مون کي به پيو هو....“

”نڌمن اوهان پؤنرن ۽ پنيورين جي ڳالهه ڪئي....“

”نه، ان وقت منهنجي دماغ ۾ رکو پؤنرن ۽ پنيورين جي پون پون ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو!“

”پر اوهان اڃا به اهو نه ٻڌايو ته اوهان ڪٿان جا آهيو....؟“

”جيڪڏهن اوهين اياز کي سڃاڻو ته، هوند آءُ چوان، جتي آڪ ٿين، جتي لوهه ٻرن، سو ديس مسافر منهنجو ڙي....“

”پاڻيهان تو ته اوهان کي شعر شاعريءَ سان مڙني وڌيڪ دلچسپي آهي،“ هاڻ هن جي مرڪ ۾ وري پنهنجائپ لهي آئي هئي. اهي ساڳيا چپ پڙائين مرڪ کيڻ تي سجائي سگهيا، هن کي اچرج ٿيڻ لڳو.

”اهو ڏوهه پاسيان تو.... ۽ اوهين؟“

”آءٌ.... اسين لاڪاٽ جا آهيون....“ هن جون ا کيون روشهار کيون ٿي ويون، جيتوڻيڪ هن جي جواب ۾ ڪا به وضاحت ڪانه هئي. ۽ هوءَ هلي ويئي. هن جي دماغ ۾ ڪارونجهر جا سور رڙڻ لڳا. شرمساري ڪان هو، ڪنڌ نمائي ڪافيءَ جي پيالي ۾ نهارڻ لڳو. هن کي ٻاڻ تي ڪاوڙ به اچڻ لڳي ته هن جي ورتاءَ هن کي ضرور ڏکويو هوندو.

لاڪاٽ.... هن جي ذهن جي سرحدن ۾ گهڙي آيو. ڪارونجهر ڦالي پيو. هن جو دماغ ذريون ذريون ٿي، هوائي جهاز جي ڇڻن ٿي گوشن ۾ پکڙجي رهيو هو.

هن جي پاڙيسريءَ هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو هن آهستي آهستي پنهنجون اکيون کوليون.

”اوهان جي طبيعت ڪجهه وڌيڪ خراب ٿي لڳي....“ هن جي لفظن ۾ همدردي هئي.

”نه، هاڻ آءٌ ٺيڪ آهيان.... مهرباني.“

”اوهان ايئرهوسٽيس سان انگريزي سان گڏ ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ٿي ڳالهايو؟“

”سنڌيءَ ۾....“ هن مختصر جواب ڏنو.

ڪري واندي ٿي هئي. هن جي اکيان پهچي هن چيو:
”اوهان جي طبيعت هاڻ ڪيئن آهي؟“

هن ايئرهوسٽيس ڪي پهريون ڀيرو چتائي ڏٺو. سهڻو سانورو ڪڻڪائون رنگ، ڊگهو سنهو نڪ، پريل ڳل، مشڪندڙ وڏيون اکيون، ڪجهه گولائي تي هٿندڙ پيشاني، جنهن جي شروع ڪان ٿي وار اينرا پويان چڪيل هئا، جو ننڍي جوڙي تائين پهچندي، سندن ڳهندي به چڪجي سڌي ٿي وئي هئي. ٿلهڙن چپن تي هن لپسٽڪ ايئن هڻي هئي، جو اهي وڌيڪ پريل ٿي لڳا. هن جي پنهنجن چپن تي مرڪ اچي ويئي.

”هاڻ اينرو چاڪ آهيان، جو اوهان کي چتائي ڏسي سگهان ٿو، ۽ پتڙائين مجسمي بدران اوهان کي انسان سمجهڻ لڳو آهيان....“

هن هڪ هلڪو، تارن جيان ڪڙندڙ ٽهڪ ڏنو، ۽ پوءِ هن جي اکين ۾ سنجيدگي اچي ويئي، ۽ پڇي ويئي: ”هاڻ حالتون ڪيئن آهن؟“

”لاڪاٽ ڪان پوءِ حالتون ڪڏهن به لاڪاٽ ڪان اڳ واريون ٿي نٿيون سگهن!“

”پر آخر ڪوستائين....؟“

”ظلم پنهنجي ڪڏ پاڻ کوٽيندو آهي.... ۽ هونئن به امان کي قيمت ته اداڪرڻي آهي. هي ته اڃا چڻ....چڻ ’اپيٽائيزر‘ آهي....“

هن جي اکين ۾ درد جا پاڇا لهي آيا.

”اسان گهٽ ته نه ستو آهي....“

”اسان واٽ وڃائي ويٺا هئاسون. هاڻ واٽ لڌي اٿون ته اڳيان ڏونگر آڏو آهي. سسئيءَ وانگر انهيءَ ڏونگر سان جهيڙڻ، ان سان پنهنجا پير پٿون ڪرڻ ۽ متو ڦاڙائڻ کان سواءِ ته ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي....“

”مون کي هاڻ اوتارا ئي لڳا آهن....“ ڊپ هن جي اکين جي ڪنڊن ۾ لامارا ڏيئي رهيو هو.

”تاريخ اچا هاڻ اسان کي اوتارن سان جا ڳالهه لڳي آهي....“ هن جي سور جي شدت گهٽجي ويئي هئي، ۽ شايد گورين هاڻ مڪمل اثر ڪيو هو.

”پر.... اهو اوتارو ڪڏهن ختم ٿيندو....؟“ هن جي سوال ۾ نااميديءَ جا ڪرڻا هئا.

”هاڻ ته مونکي مهڙو آهي: اوهان کي لطيف جو هڪڙو بيت ته ٻڌايان:

جمل ساري جڳ، جو آڏو آريچن ڪـــي
توڻي لڪڻ لڪ، سڀ لنگهنديس سڪ سين!“

هن جي اکين ۾ اميد موٽي آئي. هن جي چپن تي هڪ عجيب غرور واري مرڪ لهي آئي، ۽ ويندي ويندي چيائين:

”الله توهان جي وائي سچي ڪندو!“ هو هلي ويئي. پنيان ويندي، هن محسوس ڪيو ته هوءَ وڌيڪ قداور ٿي لڳي. هن ڏٺو ته هن جو پاڙيسري ايراني بــ هن کي ويندو ڏسي رهيو هو.

”اوهان هن کي ڇا چيو، جو هوءَ ايتري خوش ٿـي

زور زور سان تسبيح جا دانا ڦورڻ لڳو. هن جي اکيان،
ٽي سيٽون اڳ ۾، هڪڙي ماڻهوءَ هٿ مٿي ڪيو. هن
جو ايراني پاڙيسري هن ڏانهن پهتو.

”مون کي ٽائليٽ وڃڻ جي ضرورت آهي....“ هڪ ڍنل
آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”مون کي به ٽائليٽ وڃڻو آهي....“ هڪ ٻيو آواز هن
جي پٺيان بلند ٿيو.

”ويهي رهو....!“ هڪ ڪڙڪو ٿيو.

هن ڏانو، سيٽ جي مٿان ڪاڙها اکر ٻري پيا: ”پنهنجا
حفاظتي پٽا ٻڌي ڇڏيو....“

هن جي اڳيان، جنهن ماڻهوءَ ٽائليٽ وڃڻ جي ضرورت
جو اعلان ڪيو هو، سو آٿي بيٺو. هن جي ايراني دوست،
روالور هن جي ڪن تي رکي، آهستي چيو: ”ويهي رهه....!“

”پاڻي....!“ هن جي پٺيان ڪنهن رڙ ڪئي.

”هن کي پاڻي ڏيو.... هن کي دل جو دورو پوڻ وارو
آهي....“

هڪڙي يورپي مائيءَ جو آواز هن ٻري ڪان ٻڌو: ”او
منهنجا خدا، هي ته مري ويو ٿو پائنجي....“ ۽ هوءَ سڏڪا
ڀري روئڻ لڳي.

”آءٌ ڊاڪٽر آهيان.... جي اجازت هجي ته هن کي
ڏسي وٺان....“ هڪڙي اڌڙوٽ همراهه هن جي ايراني
پاڙيسريءَ کي مخاطب ٿيندي چيو.

”يلي ڏسينس....“ هن مختصر جواب ڏنو.

ان مهل جهاز جي مائڪروفون تي آواز آيو: ”اسين بغداد وجي رهيا آهيون....“ ۽ پوءِ ايئن پاتيو ڇڻ ڪنهن جي هٿ سان مائڪروفون ڪسي ورتو ويو ۽ هڪڙي ڏگهي سيٽيءَ جو آواز سموري جهاز ۾ ٻرڻ لڳو. ”هي اچا جيئرو آهي.... جيڪڏهن هن ڪي ترت طبعي امداد نه ملي ته مري ويندو....“ هي اُن ماڻهوءَ جو آواز هو، جنهن ڏ ڪثر هجڻ جو اعلان ڪيو هو.

هن ڪي ڪنهن به جواب نه ڏنو. يورپي مائي وري را ڙاڙ ڪري روئڻ لڳي. ڪيترا ٻار ۽ زالون گڏجي روئڻ لڳا. ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لڳا.

”الائجي ڇا ٿيندو....“

”بغداد ڇو ٿا وڃن....؟“

”ايراني ٿا ڏسجن....!“

”مون کي ته فلسطيني ٿا لڳن....“

”نه نه، سڀ سوان ايراني آهن.... سندن لهجي مان ئي ظاهر آهي....“

”پر جهاز ڇو هائيجئڪ ڪيو اٿن....“

”هوندن ڪجهه مطالبا....“

اهڙا جملا، سچا جملا، هيٺا جملا، بيزاريءَ جا جملا هن جي ڪنن تائين اڏين پهچندا رهيا، ڄڻ هوڪو خواب ڏسي رهيو هو. اوچتو هن جي دماغ ۾ بنان ڪنهن چتاءَ جي ڳاڙهيون يونيورسٽيون، نعرا پوسٽر ۽ پيلا پوپٽ، لشڪرن جا لشڪر اندر گهڙي آيا. هن پنهنجو ڪنڌ ٻويان سيٽ تي

ڊاري ڇڏيو.

هن حملي جو ڪو سبب نه نه آهي، هن سوچيو. شايد اڃا ڏيپ جون سرحدون لپي نه سگهيون آهيان. هن پنهنجي پاڻ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. جهاز ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، هي ان جو رد عمل نه، ڪولهي؟ يونيورسٽي يوٽرن ۽ پروپٽن جي وڌندڙ عروج تي پهچڻ لڳي. سور جي هڪ سٽ هن جي پنهي لوٽن ۾ ڏڪڪا هڻڻ لڳي. هن اکيون پرٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جا ڇپر بند ٿيڻ لاءِ تيار نه هئا.

هن ڏٺو نه ائيرهوسٽيسون پاڻيءَ جا گلاس لري ۾ ڪئي مسافرن کي پياري رهيون هيون، ۽ ڪين آٽت بــ ڏيئي رهيون هيون. مسافرن ۾ چوپول اڃا ڊرو نه، ٿيو هــو، پر گهڻا تڏا اهــو سوچي ڊرڪي پيا هئا نه جيڪي ٿيڻو هوندو، سو پير ٿيندو. مائرون ٻارن کي چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هيون.

ڪارونجهر جــو خاڪو هــن جــي ذهن ۾ اسري آيو. گهائين مان ڪارا نيرا مور لڏندا آيا.

"اوهين پاڻي پيئندو....؟" هوءَ هن جي مٿان بيٺي هئي.

هن پاڻيءَ جو گلاس هن کان وٺي چپن سان لڳايو.

"هنن هڪڙي مائهو کي مــاري وڌو آهي...." هــن سرپاٽ ڪيو.

"مون کي هنن سان همدردي آهي...." هــن بيزاريءَ مان چيو.

”اهو ڪيئن ٿا چئو.... هي نه ’ٽيررسٽ‘ آهن....“

”ويهين صدي انقلابن لاءِ ٽيررزم ڪي لازمي ٻڌائي ڇڏيو آهي....“

”پر انساني حياتيون....؟“

”هونئن انساني حياتين ۾ باقي ڇا رهيو آهي.... گهٽ ۾ گهٽ هنن وٽ ڪو مقصد ته آهي.... هنن جي زندگيءَ ۾ روزڪيترائي لاڪاٽ ورجايا وڃن ٿا.... نتيجو هي آهي....“

ڪارونجهر جا مور رڙڻ لڳا. هن جي سموري جسم ۾ بجليءَ جا جهٽڪا اچڻ لڳا. سور هن جي اکين ۾ دڙهيا هڻڻ لڳو. پوءِ هن ڏٺو: هڪڙو هائيجيڪر، سڪرين وٽان تڪڙو هنن ڏانهن آيو. آئيل ۾ هن جي ايراني پاڙيسري تائين پهتو، ۽ سرگوشيءَ ۾ هن کي ڪجهه چيائين. هن جو پاڙيسري فرسٽ ڪلاس ڏانهن هليو ويو، ۽ هو پاڻ ايئر-هوسٽيس جي پر ۾ ويهي رهيو.

”ڪهڙي سس پس پيا ڪريو؟“ هائيجيڪر جي آواز ۾ رکو نفرت هئي.

”ڪجهه به نه.... هن کي پاڻي ٿي ڏنم: هي بيمار آهي....“

”بيمار آهي يا توسان ’فلرٽ‘ پيو ڪري....“

هائيجيڪر مرڪيو. هن جي مرڪ ۾ به نفرت جو زهر هو. هن کي ان نفرت کان بڇان اچڻ لڳي.

هو گهڙيءَ لاءِ هن جي منهن ۾ نهاري، گلاس کڻڻ لاءِ جهڪي ته، هائيجيڪر هن جي چولهه ۾ هٿ وجهي کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو.

سور جي هڪ ست هن جي اکين ۾ گهڙي لاءِ چمڪي ويئي. هن هڪڙي ست سان حفاظتي پٽو کولي ڇڏيو، ۽ پوءِ اهالڪ هائيجيڪر تي ڪاهي آيو. هائيجيڪر هن اوچتي حملي ۾ پاڻ سنڀالي نه سگهيو، ۽ آڏو جي پر واري سيٽ ۾ ٺسيو واري مسافر جي مٿان وڃي ڪريو. روالور هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويو. هن جهٽڪي روالور کڻي ورتو. هن گهڙيءَ لاءِ پنهنجي هٿ ۾ روالور کي حيرت مان ڏٺو. پوءِ هائيجيڪر کي ڪجهه ڪان جهلي، آنارپندي، روالور سندس ڪن تي رکي ڇڏيائين.

"توهين انقلابن جا دوست نه، پر دشمن آهيو" ايئن چئي هن روالور جو گهوڙو دبائي ڇڏيو.

هن کي اها خبر نه پئي ته پڙاڏو ڇا جو هو. روالور جو يا هن جي دماغ اندر ڦاٽندڙ ڪارونجهر جو. هن ايئرهوسٽيس جي بدل دهشت زده اکين ۾ جهاتي پائي ڏٺي، ۽ روالور سندس هٿ ۾ ڏنائين. پاڻ وري سيٽ تي ويهي رهيو. هن جون اکيون کليل هيون، پر هن جو جسم هڪ پاسي لڙڪي پيو.

ايئرهوسٽيس هڪ وڏي اوچڪار ڏني، ۽ هٿ وڌائي سندس اکيون بند ڪري ڇڏيون.

# مان جوئي آهيان، سوئي آهيان....!

آسمان ۾ تارن جو سمنڊ اڃا جيئرو هو. چنڊ ڪڏهوڪو ڪنهن اڻاتي منزل ڏانهن لڙي چڪو هو. ان ڪري نت نوان تارا نمودار ٿيندا ٿي ويا. ڪو ڪو تارو پنهنجي ٿي روشنيءَ کان مات کائي، ٽمڪندي ٽمڪندي اوجهل ٿي ٿي ويو. هن کان جڏهن صبر نه ٿيو ته هن تارا ڳڻڻ شروع ڪري ڏنا: هڪ، ٻه، ٽي.... هڪ، ٻه، ٽي....

"امان، مون کي ڀؤ ٿو ٿئي...." ننڍڙيءَ هن جي ڪڇ ۾ منهن لڪائيندي چيو.

هن ڀانيو، هن جي دل، ڪنهن تاري وانگر، ڪهڙيءَ لاءِ اوجهل ٿيندي وئي، ۽ هن جي نڪ ۽ چپن ۾ سيانڊڙو پئجي ويو. سندس ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ هلڪي رڦڻي شروع ٿيڻ لڳي. هن ڏڪندڙ هٿ سان پنهنجي نڪ ۽ چپن کي مهٽڻ شروع ڪيو، پر اهي وڌيڪ سُن ٿي ويا.

"امان، تون ڏڪين ڇو پئي؟...." ننڍڙيءَ اڃا وڌيڪ هن جي ڪڇ ۾ گهڙندي چيو.

"نه، نه.... آءٌ ڪانه ٿي ڏڪان.... تون ڇپڙي ڪري سمهي رهه.... شاباس.... ڏاهي ڌيءُ آهين نه، شاباس...."

هن ننڍڙيءَ کي اڃا ٻي وڌيڪ ڇڪي، ڇاتيءَ سان لاتو، ۽ ٻلي هٿ سان هن جي پٺن تي آروس ڪرڻ لڳي، هن کي اهو خيال ڪانه لڳو ته ننڍڙي سندس دل جي دڪ

دک جي رفتارمحسوس ڪري، وري نہ ڪو سوال ڪري.

هن جي سوچڻ کان اڳ، ننڍڙي سوال ڪري ويئي:

”امان، تنهنجيءَ هنئين ۾ ايڏي دک دک ڇو آهي....؟“

هن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. ايئن ڏڪندڙ هٿ سان ننڍڙيءَ جي پٺيءَ تي آروس ڪندي رهي. اوچتو هن جي نظر وري آسمان ڏانهن کڄي ويئي: آسمان جي هڪڙي ڪنڊ مان هڪ روشن تارو ڪريو، ۽ ڏاندائي جي چٽنگن جيان، ذريون ذريون تي آسمان جي هيٺان پولار ۾ ڪرٽي ويو.

”يا الاهي خير ...“ هن جي ڇپن پڻ پڻ ڪئي.

”امان، ڇا ٿيو....؟“ ننڍڙيءَ ننڊ اکڙي آواز ۾ پڇيو.

”ڪجهہ نہ.... ڪجهہ بہ نہ! تون سمهي رهہ، مئي امان ڪريانس.....!“

ننڍڙي وري ڪروٽڙي ٿي، هن جي ڇاتيءَ سان وڌيڪ ويجهي ٿي ويئي. هن وڌيڪ تيزيءَ سان ننڍڙي جي پٺن تي آروس ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ هري هري ٿي،ننڍڙيءَ جو جسم، ننڊائتو ٿي، هن جي جسم کان ٿورو الڳ ٿيندو ويو. هن آهستي آهستي پنهنجي کابي ٻانهن ننڍڙيءَ جي ڪنڌ هيٺان ڪڍي ورتي، ۽ سندس ڇاتيءَ تي هاڪيون ٺڪيون هڻندي رهي.

”امان، بابا ڪيڏي مهل ايندو... ؟“

هن سمجهيو هو تہ ننڍڙيءَ کي ننڊ اچي ويئي هئي. ان اوچتي سوال تي هن کان وري ڇرڪ نڪري ويو. ننڍڙيءَ جي پٺيءَ تي هلندڙ سندس هٿ بيهي رهيو. هن جي جسم

نه پوءِ موت هن جي مذهب ۾ ئي ڪانهي.... ڇوڪر جي ڏنڌ ۾، اونداهه جي ٻاچولن جيان، هن کي ياد آيو....

جڏهن ٻنهل ۽ شانيءَ جي پريت، ٻنهي جي وجود کي ون-ويڙهيءَ وانگر وڪوڙي ويئي، ۽ ڪاڇي جي ٻهڳ ٻهڳ ٿي ان جي شاهدي ڏني، تڏهن آڪ جي ڦلڙين ۽ ٿوهر جي ڏانڊين ۾ به سرگوشيون شروع ٿي ويون ته شانيءَ جا پاڻ شانيءَ ۽ ٻنهل کي ڪارو ڪاري ڪري مارينداه پوءِ هڪڙي ڪاري اجهل رات ۾، هن ٻنهل جي پاڪر ۾ڇڻ ڀڻ ڪئي هئي....

”ٻنهل، ٻنهنجي ڳالهه ون ون واسجي ويئي آهي... ادو توکي موں کي کهاڙين سان ڪيندي ويرم ئي ڪو نه ڪندو....“ باقي ڳالهه هن جي هنئين جي دڪ دڪ ۽ ڪنبڻيءَ کيس ٻڌائي ڇڏي!

”ايترو نه ڊڄ شاني .. پلا جي ڊچين ٿي ته هل ته هينئر ئي نڪري هلون....“ هوءَ ڪچي جهڙي پٽ، دل جي دڪ دڪ مورڳوڻي وڌڪ تڪڙي ٿي ويس.

”چئبو ته پريت به اجهو ايتري اٿئي نه....“

هن هٿ ڪڍي ٻنهل جي ڇپن تي رکيو. ٻنهل ٻنهنجي هٿ سان هن جي ڪاڏي مٿي ڪندي، سندس اکين ۾ نهاريو، جن ۾ ڇوڪن جي ڏنڌ ۾ رکيو هو پاڻ موجود هو.

”ڇري، جيسين هيءَ ڌرتي ٻنهنجي پيرن هيٺان آهي، جيسين هي ٿوهر اسان جا شاهد آهن، ۽ جيسين هي رائفل منهنجي هٿ ۾ آهي، تيسين ڀؤ نه ڪر.... جي تنهنجي لاءِ

ڪري پئي وهيا! هن جا چپ ڀي ڦڙڪيا. هن هڪڙي هٿ سان ڪٽ جي چادر ڪي اهڙو تہ زور سان پڪڙيو هو، جو نيريون نيريون نسون چٽيون اُڀامي پيون هيون.

”ماما... خير تہ آهي؟“ شانتي رڳو ايترو ئي چئي سگهي.

”اڙي امڙ... خير وري ڪهڙو... ظالمن ڳوٺ سان اهڙي ڪار ڪئي جو اصل ڪاري قيامت هئي! رڳو ٻاهر جا ڳولا هئا، ٻاهر جا آزاهہ هئا جيڪي هيڏانهن مٿان اچي پئي وسيا ڇو تہ... ڇو تہ...“

ان وقت شانتيءَ کي فقط هڪڙي ڳالهہ ئي سمجهہ ۾ آئي هئي تہ پنهل ڪنهن سان ئي وڙهيو. ماما جيڪي ڳالهيون ڪيون، سي هن جي سمجهہ کان ٻاهر هيون، پر هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ هنن سان بہ اهو سڀ ڪجهہ ٿي ٿي سگهيو، جيڪي ان ڳوٺ وارن سان ٿيو هو. هن پنهل سان ڳالهہ ڇوري تہ پنهل ماٺ ٿي ويو.

”پنهل،...“

”هون...“

”تون نہ ويندو ڪر انهن ميڙن ۾...“

پنهل ماٺ سندس منهن ۾ اٿندڙ ڪاوڙ جو دونهون هن پنهنجي اندر محسوس ڪيو تہ هن کان چپ نہ رهيو نہ.

”جي جهلجي پئين تہ پوءِ...؟“

پنهل پوءِ بہ ڪو جواب ڪونہ ڏنو.

”پنهل، رب جو واسطو اٿئي، منهنجو واسطو اٿئي،

# اڌون ماڻهو

تنهن رات هن کي ننڊ نه آئي ... تنهن رات آسمان تي ٿوهر جهڙا ڇپيا هئا!

ڇت مان انهن لڙڪندي، لوهي سيخن جي هن بار، ورانڊي جي ڏيڏي ڇت جي ٻنهي وٽ، هن جي رتايل نگاهن ۾، آسمان جو فقط هڪ ٽڪنڊو ٽڪر سمائجي سگهيو. آسمان جيڪو آزاد هو، پر رتوڇاڻ ٿي پيو. رت هن جي ماڻڪين ۾ ڇلڪڻ لڳو. هن جون اکيون، رت جي بار کان ڇنڊجڻ ٿيڻ لڳيون. هن ڏٺو، آسمان تي ٿوهر جهڙا ڇپيا هئا، جيڪي هن جي اکين کي، هن جي نگاهن کي چڀڻ لڳا هئا. آسمان جو اهو ٽڪنڊو ٽڪر، هن جي اکين ۾ اٽڪي پيو هو، جنهن جون ڪنڊون واري واري سان چڪجي ٿي آيون، وري پنهنجي جاءِ تي موٽي ٿي ويون. ان ٽڪنڊي ۾ ڪيترا تارا هوندا؟ — هن سوچڻ گهريو، پر ان سوچ کي ايندي ورهيه گذري ويا. آسمان جو ٽڪنڊو پوئتي موٽي ويو ۽ ٿيڻ ڪرڻ جو ٿوهر هن جي اکين جي ماڻڪين ۾ ٽنبجڻ لڳو. هن جي دل چاهيو ته هٿ وڌائي، ان ٿوهر کي ٻاهر ڇڏي، هن جي اکين جا ڇپر، ان ٿوهر جو بار کڻڻ کان ٿڪجي، عاجز ٿي چڪا هئا. هن ڪوشش ڪئي ته ڇپرن کي ٻاري ڇڏي، بند ڪري ڇڏي ته جيئن ان ٿوهر جا ڪرڙا هن جي ماڻڪين ۾ ٽنبجي نه

ٻمنچ جي تڏي ڪاٺ ۽ هن جي تڏي اوڳهڙ جي وچ ۾ تڏي ڇهاءُ جي احساس کان وڌيڪ، هن ڪاٺ جي ماڻهوءَ جي اکين ۾ وهندڙ پاڻي جهڙو تڏو رت لهڪندو پرندو محسوس ڪيو، ۽ اهو احساس ايندي ئي، هن جي چمڙي، جتي ڪٿي ڪانڊارجڻ لڳي. هن کي پنهنجو ٻگو وهڙو ياد اچي ويو، جنهن کي ڪٿائڻ کان ٿورو اڳ، مندس چمڙي ڪانڊارجڻ لڳي هئي.

"آخري پيرو تو پڇاڻه ته هتيار ڪٿي پوريل آهن؟ صحيح صحيح جواب نه ڏيندين ته هي ۽ ڏنڊي...."

ڪاٺ جي ماڻهوءَ جو دڙڪو، نيٽ جي لڪڻ جي ڇهنب جي مهاري، ٻپ جو انگاس ٻڌجي ويو.

"مون کي ڪا خبر ڪانهي...."، هن کي ياد آيو. اها يادگيري ٻيوسيءَ جو جسم اوڙهي، هن جي چپن تائين آئي.

"تنهن جي معنيٰ ته توکي خبر آهي ته هتيار پوريل آهن، پر توکي اها خبر ڪانهي ته ڪٿي پوريل آهن.... ائين نه؟" ڪاٺ جي ماڻهو هن جي ٻيوسيءَ جو ڏک ورتو.

"نه.... ها.... نه، مون کي ڪا خبر ڪانهي،" مونجهارن هنجي ذهن ۾ چپن جي وچ ۾ وڃيا وجهي ڇڏيا هئا. هن ٻيوسيءَ سان وري اکيون ٻوري ڇڏيون.

"پلا هتيار ڪٿي ڪير آيو هو؟" ڪاٺ جي ماڻهوءَ، سگريٽ دکائيندي، ٻئين سوال جو دونهون هن ڏانهن اڇلايو.

هن اکيون کوليون، پر انهن ۾ ڪو جواب ڪونه هو.

"پلا جيپ ڪنهن جي هئي؟"

”مون کي ڪا خبر ڪانهي....“ هن ڇڙ پنهنجي پاڻ کي ٻڌايو.

”ڇنبو ته هٿيار جيپ ۾ آيا هئا، پر توکي خبر ڪانهي ته جيپ ڪنهنجي هئي؟“

مونجهارن جو دونهون هنجي ڇوڏاري ڦهلجڻ لڳو.

”هٿيار....جيپ....خبر، مون کي ڪا خبر ڪانهي....“

مونجهارن بيوسيءَ ۾ پناهه ورتي.

”تون شرافت مان ڪونه سمجهندين....“

ان دڙڪي کي ڪو جسم نه هو، ۽ ڪنهن خيالي ڦوڪڻي وانگر هنجي ڀتان ڦرڻ لڳو. هن ان ڦوڪڻي کي ڪو جسم ڏيڻ گهريو: مُڪن، ٺڦڙن، ٺڏن، لتن ۽ آخرڪار نيٽ جي لڪڻ جو جسم. في الحال هنجي جان ۽ احساس ۾ ان ڦوڪڻي جو اهوئي جسم مڪن ٿي سگهيو. هن بنان نهارڻ جي، ڪاٺ جهڙي ماڻهوءَ ڏانهن اکيون ڦرڙايون: نه ڏسڻ جي باوجود، ڪاٺ جهڙي ماڻهوءَ جهڙي چپن ۾ دکمل سگريٽ جو شعلو هنجي اکين ۾ پيهي آيو. هن پنهنجون اکيون بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: اڃا پنبڻ اکين تي ڍريا ڏي مس هئا ته آسالڪ وري زوريءَ پاڻ هرتو پٽجي ويا. ان سان گڏ هنجي بدن ۾ هڪ زلزلو آيو ۽ سمورا ٻڇاءَ بند ٽوڙي ويو. هنجي ڇاتيءَ جا وار، سگريٽ جي شعلي جهڙي آسپاس، گهنڊيون گهنڊيون ٿي، سڙندڙ ٻجهرندڙ ڪنل جي دونهين ۾، ٻاڦ ٿجي ويا. پنهنجيءَ ڇمڙي جي سڙڻ جي بوءِ کي هو سچائي نه سگهيو. البت وارن منجهان، سڙندڙ

پر، اهو پڪو پڌو:

”شايد ڏندڻجي ويو: پاڻي هاري هوش ۾ آڻيوس!“

جڏهن هنجون اکيون وري کليون، تڏهن هن کي هڪ ڪاٺ جي ماڻهوءَ بدران ڪنهن ڪاٺ جا ماڻهو نظر آيا، جيڪي پاڇولن جيان هڪ ٻئي سان گڏيل گڏمڏ هئا. ۽ سڀني چهن ۾ ساهه جا گهاٽ مرا ڏيئيو چنبڙيل هئا. تورئ دير کانپوءِ اهي سمورا ماڻهو وري هڪڙو ڪاٺ جو ماڻهو بڻجي ويا، پر ان ڪاٺ جي ماڻهوءَ کي الاهي چپ هئا، جيڪي هڪ ڊگهي قطار ۾، هنجي اکين تائين ٿي پهتا. انهن سمورن چپن ۾ هڪ ئي سگريٽ هو، پر ان سگريٽ ۾ اِلاهي شعلا هئا، جيڪي هنجي اکين جي پنبڻين ۾ ٽمڪڻ لڳا.

”هاڻ چڏيوس! هوش ۾ اچي ويو آهي.... هي مردود ڏاڍا سخت جان ٿيندا آهن...“

هن ڪاٺ جي ماڻهوءَ جو آواز پهرين هوريان ۽ پوءِ ڏاڍيان پڌو. ”هن کي.... پاڻي....ڏيو.“

پاڻي.... هنجي چپن پاڻيءَ جو خيال ايندي ئي لڙڪڻ شروع ڪيو. هنجي زبان جي بيابان ۾ ٻاهرا ڪنڊا چمي پيا. چپ هنجي ڌارونءَ ۾ ڪجهه ڳولڻ لڳي. پر اتي بس رڳو ڪنڊا ئي ڪنڊا هئا. هن گلاس ۾ پاڻي اوتجندو پڌو، ۽ ان آواز تي هنجي نڙگهٽ ۾ هوبهو ساڳيو آواز پيدا ٿيڻ لڳو. پاڻي.... ڪهڙو سواد هوندو آهي پاڻيءَ ۾؟ هنجي دل گلاس ۾ الڪي پيئي، جتي پاڻي هو....

نہ ماراءِ...."

اهي "بابا" ڪير هئا، هن سوچيو. پر اها سوچ اهڙي ئي، هن جي اکين جا پٽ وري بند ٿي ويا، ۽ هو ٻڙڪيو:

"بابا؟!...."

"ها ها، بابا.... جيڪي توسان گڏ هئا؟"

"مون سان.... بابا بہ گڏ هئا؟ ڪير هئا آهي....؟" هن جي بند اکين جي پنجرن ۾ پاڇولا لرزڻ لڳا.

"زي .... جا اولاد، اهوئي تہ توکان پڇون ٿا!" ڪان جي ماڻهوءَ هن جي اوگهڙ ڪي نيٽ جي لڪ جواحساس ڏياريو. هن جا پنجر ڦڙڪيا، ۽ زور سان ڀڃي ويا. ساهہ هنجي لڱڪيءَ ۾ توريءَ دير لاءِ اٽڪي پيو، ۽ نيٽ جي لڪ جي مٿي ڪجهہ سان هن جي ناسن مان ڦوٽاڙجي ٻاهر نڪتو.

"هي اٿين ڪين مڃيندو.... مون ڪي ڏيو اهو پلاس.... نہ نہ، اهو نہ.... هوءَ وڏي انبوري...."

اهي لفظ هنجي ڪنن توڙي اکين ڪونہ سمجهيا. هن ڪي الائي ڇو وري پنهنجي اوگهڙ ياد اچي ويئي ۽ ڪو آڏڪو گنڊ ٻڌجي هن جي لڱڪيءَ ۾ اٽڪي پيو. هنجي ٻبين، بغلن ۽ ڇڏن ۾ ڊپ جا ڦوڦيندا نڪرين‌سر ڏنئون ڏنئون ڪرڻ لڳا.

جڏهن هنجي ڀرئين آگوٺي ۽ ننهن پنهنجو ساس ڇڏي، انبوريءَ جي لوهہ جو رنگ اختيار ڪرڻ لڳو، تڏهن هنجي لوئن، ڪنن ۽ اکين جي ماڪڙن ۾ ڀڙڪون

ٿي پکڙجي جي ڦڙن ۾ ٽڙڪڻ لڳو، ۽ پوءِ پاري جهڙي ٿڌ جي لهر ٻڌجي، هن جي لوڻن ۾ پيهي ويو.

جڏهن هن جي لوڻن جي برف وکري، هن جي چاڙين کي ڏونڌاڙڻ لڳي، تڏهن وري هن کاٻي جي ماڻهوءَ جو آواز پڌو: ”پاڻنجي ٿو ته هن کي پين جي کا خبر کانهي!“

”پين جي خبر هجيس نه هجيس؛ پر هن کي اها يقينن خبر آهي ته هتيار ڪتي لڪل آهن.“ هي آواز نئون هو، ڳرو هو، بي پاسو هو، غيرجانبدار هو، ڪنهن به جذبي کان خالي هو.

”پر سچي ڪونه ڪندو،“ کاٻي جي ماڻهوءَ جي آواز ۾ بيزاري هئي، ٺڪ هو.

”سچي ته هن جو بابو به ڪندو!“ اهو آواز اڃا به غيرجانبدار هو، ڪنهن به جذبي کان خالي هو، ٺڏو هو، بي پاسو هو.

”اوهين پاڻ ڏسو: اسان هر طريقو آزمائي ڏٺو آهي.... هاڻ ته ڪو لڳ سچو ڪونه ائس، تڏهن به....“

”هون.... پيلا زائفائون؟“ ان سوال ۾ پهريون ڀيرو ڪو جذبو هو، ڪا جانبداري هئي.

”جي ها.... اهو نسخو به آزمائي ڏٺوسون: هن جي زال، هن جي پيءُ.... ۽ ها، پوڙهي به.... هن جي ماءُ هئي شايد.... هنن مان هڪڙي پيٽ سان هئي.... پرئي مهيني.... هن جي زال، يا هن جي پيءُ.... ياد نه ٿو اچي....“ کاٻي جو ماڻهو ڪليو، پر ان ڳالهه ۾ به بيزاري هئي، ٺڪ هو:

سڌي سنواڻي ڳالهه ڪل، جنهنجو ڪو منڍ نه هوندو آهي، جنهن جي ڪا پڇاڙي نه هوندي آهي. بي مقصد، بي اطمينان ڪل.

”هاڻ ڪتي آهن....؟“ نئين آواز ۾ سختي اچي ويئي. ڪاٺ پيدا ٿي پئي.

”چڏي ڏنو سون.... صبح ٽيڻ ڪان اڳ، متان....“

”ڪجهه ڪچيون....؟“ سوال ۾ هڪ ڪان وڌيڪ معنائون هيون، يا هڪ ئي معنيٰ جا ٻه سوال هئا.

”ها.... نه،“ ڪاٺ جي ماڻهوءَ مختصر جواب ڏنو. ان ۾ سڀ معنائون گڏيل هيون.

”۽ هي....؟“ هي سوال ايترو مختصر نه هو.

”هي.... ها، ذري گهٽ چتو ٿي پيو هو.... پوءِ واسطا وڌائين.... ليلڙاليون ڪيائين.... پوءِ اوچنگارون ڏيئي رنو، منهن گوڏن ۾ پڪوڙي، ڪجهه وقت سڏڪندو رهيو، ڇڙڪندو رهيو.“ ڪاٺ جو ماڻهو، ڪوشش جي باوجود، مختصر جواب ڏيڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو.

”پوءِ به سچي ڪرڻ جي نه ڪيائين؟“ اهو سوال هجڻ جي باوجود چڻ نه ڪاٺ جي ماڻهوءَ جي جملي جو باقي حصو هو، جنهن ڪانسواءِ ڳالهه اڌوري هئي.

”ها.... نه،“ ڪاٺ جو ماڻهو وري منجهي پيو.

”۽ هن جا همراه....؟“ آواز جي سختيءَ ۾ ڪجهه قدر ماٺائي اچي ويئي.

”ٻي چٺا دوبدو فائرنگ ۾ مارجي ويا.... باقي هڪڙو جوهڪو ڏڪجي پيو هو، سو به اسپتال ۾ مري ويو....“

ڪاٺ جي ماڻهوءَ نيٽ جو لڪڻ ميز تي اڇلائي رکيو ڇڻ ته نيٽ جو لڪڻ ٻه سري ويو هجي، جنهن سان هاڻ هن جو ڪو واسطو ڪونه هو.

”۽ اسانجا ماڻهو....؟“ هي سوال ايترو جهيڻو هو جو ڪاٺ جي ماڻهوءَ ان جي پڪ ڪرڻ لاءِ، مٿل نيٽ جو لڪڻ وري هٿ ۾ کڻي ورتو. ٻئي هٿ تي لڪڻ هڻندي هن چيو:

”اڳين رپورٽ مطابق ستَ.... تازي رپورٽ مطابق اٺ!“

”سو ڪيئن؟“

”اڻون ماڻهوهنن مان هو....هن پنهنجي رائفل پنهنجي ڪاڌيءَ هيٺ رکي، گهوڙو دٻائي ڇڏيو.... ڪن جو چوڻ آهي ته جڏهن گوٺ تي چڙهائي ٿي، تڏهن هن فائر ڪرڻ کان انڪار ڪيو.... ۽ لاچار هن کي شوٽ ڪرڻو پيو.... هن جو لاش آن جي گندي جي پوڇان مليو....“

ان مهل هن کي هڪ ئي وقت ڪيئي خيال آيا: ڪاٺ جو ماڻهو، خاڪي ڊريس جو مستطيل ٻڌجي ويو، آسمان جي ڪنڊيءَ ۾ بي انداز تارا ٽمٽمڪرڻ لڳا، روشني جي ڏوهر ۾ انيلٽ جا رنگ پرجڻ لڳا، ۽ انهيءَ ست رنگي نور ۾ هن کي ”اڻون ماڻهو“ نظر آيو، جنهن جي هٿ ۾ رائيفل هئي، ڪا آس مُرڪ ٻڌجي، هن جي چيريل چچريل چپن جي ڦوڦڙن ۾ ڦهلجي ويئي، ۽ هن پنهنجو سمورو سَت آخري پساهن ۾ گڏ ڪندي چيو:

”مان اوهان کي ڪجهه نه ٻڌائيندس!“

## نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

### ٽڪرا ٽڪرا صليب جا ۽ واٽون ٽڪن جائنيون
مصنف: شيخ اياز

### ڪربلا
ليکڪا: نورالهديٰ شاه

### ڪوٽ لکپت جو قيدي
مصنف: رسول بخش پليجو

### خط، انٽرويو، تقريرون (ياگو ٻيون)
مصنف: شيخ اياز

### تاريخ جو ڪفن
مصنف: امر جليل

### جلاوطن
ليکڪا: نورالهديٰ شاه

### هم وست
مصنف: آغا سليم

### سڌارٿ
مصنف: هرمن هيس

### آزادي خاطر
مرتب: فيروز احمد

### سانباهو سموند جو
مصنف: الطاف شيخ

### هينئڙو ڏاڙهون گل جئن
مصنف: شيخ اياز

## نيو فيلڊس جي شايع ٿيل 150 ڪتابن مان موجود ڪتابن جي لسٽ

| | | |
|---|---|---|
| 1- 4 مارچ ۽ سنڌي جوڌا | - | 20/- |
| 2- اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول) | آغا سليم | 45/- |
| 3- سي ئي جو پن ڏينهن (سفرمامو) | الطاف شيخ | 15/- |
| 4- سي پيڙيون رڪين پاڇهه سين (سفرنامو) | الطاف شيخ | 20/- |
| 5- سڌارٿ (ناول) | هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي | 20/- |
| 6- سانباهو سمونڊ جو (سفرنامو) | الطاف شيخ | 50/- |
| 7 - سپون | خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي | 25/- |
| 8- سفر يورپ جي ڊائري (سفرنامو) | قاضي عبدالمجيد عابد | 40/- |
| 9- آزادي خاطر (ڪهاڻيون) | مرتب: فيروز احمد | 35/- |
| 10- ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون) | امر لعل هنگوراڻي | 12/- |
| 11- پيغامبر | خليل جبران/ ستار | 20/- |
| 12- همه اوست (ناول) | آغا سليم | 35/- |
| 13- آئيني جي اڳيان | 17 ساهتڪار | 12/- |
| 14- اڳي ايئن هياس (جلد 2) | فضل احمد بچاڻي | 25/- |
| 15- ست يوگو سلاويائي آکاڻيون | جڳت آڏواڻي | 10/- |
| 16- ست ڪشميري آکاڻيون | اختر محيعدين / ايشورچندر | 12/- |
| 17- پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري) | آغا سليم | 10/- |
| 18- پڳل ڪنيڙائيون | خليل جبران/ عبدالله الفائز | 25/- |
| 19- سرهي سرهي سار (سفرنامو) | ماهتاب محبوب | 50/- |
| 20- ڏيئا تيل ٿليل جا | علي احمد بروهي | 30/- |
| 21- راڄ- گهاٽ تي چنڊ (شاعري) | شيخ اياز | 60/- |
| 22- موتي جي مهراڻ جا | مرتب: فيروز احمد | 75/- |
| 23- پڙاڏو سوئي سڏ (ناول) | سراج | 50/- |
| 24- رات وچ ۾ (ناول) | بريٽ هيليڊي/ فضل احمد بچاڻي | 20/- |
| 25- اک سور (ناول) | رابندر ناٿ ٽئگور | 50/- |
| 26- رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون) | امرجليل | 40/- |
| 27- منهنجي دنيا هيڪل وياڪل (ناول) | سراج | 25/- |
| 28- جلا وطن (ڪهاڻيون) | نورالهديٰ شاهه | 50/- |
| 29- جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون) | امرجليل | 50/- |
| 30- راهون چنڊ ستارا (سفرنامو) | ماهتاب محبوب | 60/- |

...... اهڙي ڳالهه ۾ آهي ڪجهه ڪونه، پر هاڻ ڳالهه ڳري ٿي پئي آهي. هي ننڍا نينگرا جوان مڙس الائي ڪنهن جي ڳالهين ۾ اچي ويا آهن. چون ٿا ته لوڪراڄ ڪيو، انصاف ڪيو، نوڪريون ڪپن، پورهيو ڪيو، زمينون ڪپن، ۽ ٻيو به الائي ڇا ڇا ڪيو! هيءَ پاسي سرڪار آهي: جتي چار ماڻهو ٿا گڏ ٿين، اتي مٿن پوليس چاڙهي ٿي موڪلي. پوءِ هڪڙي پاسي وردين وارا رائفلون ڪڍيو بيٺا آهن ته ٻئي پاسي عام ماڻهن جا هشام آهن. جي ٿورا آهن ته ڪين ٻڌيو وڃن، وڃيو لاڪپ ۾ هڻن. پوءِ ڪن کي پئسا وٺيو ڇڏيو ڏين. ڪن کي سزائون ڏيو ڇڏين. جنهن جو نالو ڪڍڻ، تنهن لاءِ ٿا ٻڌون ته ٽي سال ٽيپ، ٽيهه ٽڪا! اهڙي ڳالهه ته اڳي نه ٻڌيسون، نه سٽيسون ته ماڻهن کي رکو ميڙي ملاکڙي ڪرڻ تي به ٽيپون پيا ڏين ۽ ٽڪا پيا لڳن. انگريز سو ٽڪا هڻائيندا هئا.... خير سو هاڻ مڙئي ڳالهه ڳري ٿي پئي آهي. وردين وارا ڳوٺن ۾ ڪاهيو پون، ۽ زوري ماڻهن کي ٻڌيو وڃن. نه داد نه فرياد: ڇي، اوهان وڳوڙي آهيو! ڌاڙيل آهيو. ڌاڙيلن کي پناهه ٿا ڏيو. جڏهن ڳوٺن ۾، گهرن ۾ ڪاهي پيا ته ننگ ته نبين کي به پيارا هئا. سي کي همراهه مچرجي پيا. دوبدو مقابلا پيا ٿين. پر سرڪار ڏاڍي آهي. وٽن هٿيار به آهن ته ماڻهو به آهن جن کي وردي پارائي، جيڪي ٿي چوين سو ٿا ڪن. ڪن ڳوٺن کي ته لڏائي ڇڏيائون. جيڪي نه اٿيا، تن کي زوري ڪڍي، گهرن تي بلڊوزر هلائي ڇڏيائون. بابا، بندوق ۽ رائفل جي اڳيان هيٺو ٻي هٿيار ماڻهو ڇا ٿو ڪري سگهي. جي ڪنهن منهن ڏنو ته گولي جي منهن ۾ يا ترنگ ۾. جيڪو ضامن پوڻ وڃي، سو به اندر. اندريان ته اندر پر ٻاهريان به اندر.... ائين هزارين ماڻهو دربدر ٿيا آهن. سوين ماڻهو، ڏسڻا وائسڻا ماڻهو، ڏينهن ڏئي جو، گولين مان ڪڍيا اٿن. سرڪار زوراور آهي، پر ماڻهو به اصل نٽا مڙن. تنهن ڏينهن هڪڙي ڳوٺ کي ورائي ويا: ڇي، سڀ نڪرو ٻاهر. ڳوٺ ۾ ڪي ارڏا جوان هئا، تن چيو ته مڙس مڙس جو مٽ آهي. ائين اسين به ڪونه ٿا نڪرون. پوءِ ته جيڪا ويڙهه ٿي، سا به ڪهڻن کي ياد رهندي. پر سرڪار ڇا ڪيو جو.....

("اٺون ماڻهو" مان ورتل)

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪـڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نہ ئـي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪـري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو بِہ ڪُـوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهـن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهـنـدڙ يا وِڙهـنـدڙ ۽ پڙهـنـدڙ بـہ ٿـي سـگهـن ٿـا. ٻيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَـب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪـوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پـر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪـنـدا ۽ غيرتجـارتـي -non commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪـتـابن ڪـي ڊِجيِـٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَمـلَ مان ڪـو بـہ مـالي فـائـدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪـوشش نہ ڪـئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جـو ٿيندو. اِهـو ڪـم ڪـرڻ وارن مـان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيههہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)